# سنڌو جوت 66

سنڌو جوت ۾ ڇپيل ليکڪن جي رچنائن ۾ ظاهر ڪيل ويچارن سان سنڌي اَڪادمي دهلي جو
سهمت هجڻ ضروري نہ آهي.

The views of writers in their articles published in Sindhu Joti are not necessarily those of the Sindhi Academy, Delhi.

# سنڌو جوت 66

سنڌي اڪاڊمي، دهلي جو ٽماهي رسالي

(جنوري _مارچ 2019)

سنڌو جوت 66، سال 24، انڪ 1.

سرپرست

**شريمتي موهني هنگوراڻي**

**اُپاڌيڪش، سنڌي اڪاڊمي، دهلي**

مهمان سمپادڪ

**موهن همٿاڻي**

پرڪاشڪ

**سنڌو ڀاڳيا مشرا**

سيڪريٽري، سنڌي اڪاڊمي، دهلي

**سنڌي اڪاڊمي، دهلي**

# SINDHU JOTI 66

Quarterly Journal of Sindhi Academy, Delhi
( Jan– March 2019 )
SINDHU JOTI – 66, Year 24 Vol. 01

**Chief Patron** : Smt. Mohini Hingorani
Vice – Chairperson, Sindhi Academy, Delhi

**Editor** : Mohan Himthani

**Published by** : Sindhu Bhagia Mishra
Secretary, Sindhi Academy,
Delhi ( Govt. of N.C.T. of Delhi )
CPO Building, Kashmere Gate,
Delhi – 110006, Ph. 23863167,
23862848
Email : sindhiacademy@gmail.com
sindhipublication@gmail.com

**Assist by** : Praveen Anwani
Meenu Premchandani

Computer work : Hiramani H Padnani, 9868867891
Printed at : S.D.M. Printer & Packer
C-41, Hari Nagar, New Delhi-64

## فهرست

_ سمپادڪ جي قلم مان 6

**ڪويتا / شاعري / غزل**

_ اَرجن حاسد، نند جويري، اروڻ ٻاٻاڻي ، کيمچند گوڪلاڻي،اَروڻا آنند، مهيش مولچنداڻي، شنڪر مولواڻي، ٻلو چوئٿاڻي، سومرلعل، سڪندرلعل 08

**نوان آواز**

_ جيوتي روهڙا، نِشا ڏنواڻي، دويا ڏنواڻي، سنجيہ روهڙا 27

**سرحد پار کان اِينڌڙ هوائون**

_ شوڪت حسين شورو،جهان آرا سومرو 34

**ڪهاڻي**

جيا جادواڻي، 61

**ليک**

**سمالوچنا**

_

## سمپادڪ جي قلم مان

**موهن همٿاڻي**

اِها هڪ خوشيءَ جي ڳالهہ تہ آهي ئي پر ذميواريءَ جي وڏيڪ تہ اسانجو ديش جڏهن هِن 26 جنوريءَ تي راڄپٽ تي ديش جي وڪاس، سنسڪرتي، ايڪتا، اکنڊتا ۽ سلامتيءَ جي سگهہ سان سينگهاريل جهانڪيون ڏسڻ ۾ مشغول هئو تہ اسانجو سنويڌان پنهنجي لاڳو ٿيڻ يا عمل ۾ اچڻ جا 69 سال پورا ڪري 70هين سال ۾ قدم پئي رکيو، جن اڳوانن ديش کي آزاديءَ جي فضا ۾ ساهہ کڻايو تن کي ديشواسين جو شت شت نمن، ديش اُنهن جي ديش لاءِ اسيم پيار ۽ بليدان کي پنهنجو پيار ۽ آپار تہ ظاهر ڪندو ئي اهي، پر جِن اسان کي آزاديءَ جو مطلب سمجهايو ۽ ديش کي سُچارو روپ سان هلائڻ لاءِ هڪ سرشتو _ جوڙجڪ سنويڌان تيار ڪري اسان کي ڏنو. اُنهن سنويڌان نرماتائن کي ياد ڪرڻ ، اُنهن جو آپار مڃڻ بہ اسان ديشواسين جو فرض آهي. ڀارتيہ سنويڌان جي نرماڻ ۾ مکيہ ڀومڪا ادا ڪئي ڊاڪٽر ڀيمراو امبيڊڪر جيڪو سنويڌان سڀا جو اڌيڪش پڻ هو. اُن صاحب جو مڃڻ هو تہ آزاديءَ جو مطلب صرف حق حاصل ڪرڻ نہ آهي پر ذميواري بہ آهي. 25 نومبر 1949 جي پنهنجي يادگار تقرير ۾ ڊاڪٽر ڀيمراو چيو هو : ”آزادي آنند جو وشيہ آهي، پر آزاديءَ اسان تي گهڻيون ذميواريون وجهي ڇڏيون آهن. آزاديءَ کان پوءِ ڪا بہ شيءِ غلط ٿيڻ تي ٻين کي (برٽشسر) ڏوهہ ڏيڻ جو بهانو ختم ٿي ويو

آهي ، هاڻي جيڪڏهن ڪُجهه غلط ٿئي ٿو تہ اسان ٻئي ڪنهن کي نہ، پاڻ کي ئي ڏوهاري ٺهرائي سگهنداسين. “

اسانجي خوش قسمتي آهي تہ اسان کي پارت جهڙو گڻ تنتر کي هلائڻ لاءِ اهڙي وسيح سمجهہ رکڻ وارو تنتر سنويڌان وراثت ۾ مليا ۽ سنويڌان کي اثرائتي ڍنگ سان نہ صرف لاڳو ڪرڻ بلڪ وقت بہ وقت اُن ۾ مُلڪ جي حالتن ۽ وقت جي تقاضائن موجب ترميم ڪري تنتر/ ڍانچي کي چُست درست رکڻ وارا ۽ حڪومت کي اُن موجب هلائڻ وارا اڳوان رهبر بہ ملندا رهيا جنهن ڪري پارت جو شمار اڄ وشو ۾ چند طاقتور/ شڪتيشالي لوڪشاهي مُلڪن سان گڏ ڪيو وڃي ٿو. گڻتنتر جو ارٿ ئي آهي ديش جي گڻن يعنيٰ عوام لوڪ اُنهنجي آشائن، اُميدن تي ڪم ڪرڻ ۽ اُنهن کي ئي ڌيان ۾ _ مرڪز ۾ رکي ديش جو تنتر اُٿڻ / ڻاهڻ اڄ اسان سنويڌان لاڳو ٿيڻ جي 70هين سال ۾ داِل تي رهيا آهيون ۽ انهن سٺن ڏهاڪن ۾ جيتريون بہ تمام حاصلاتون اسانجي حصي ۾ آيون آهن خاص ڪري تعليم، صحت، تڪنيڪ ۽ پيشور مهارت جي هقن ۾ اِهو قطئي سولو ڪونہ هو تہ ايترو جديد تڪليف ۽ سنگرش ڀريو غلاميءَ جو دؤر پوڄڻ وارو هي ملڪ ايترو جلد دنيا جي اُڀرندڙ طاقتن ۾ شمار ٿي وڃي. اِنهن تمام حاصلاتن ۽ حالتن جو آڌار يقيناسانجو سنويڌان ئي آهي. راجيٿ تي ديش جي وڪاس، اُن جي رفتار، سُرڪشا سگهہ ۽ زندگيءَ جي هر ۾ پارتي لوڪن جي حاصلاتن جي جهلڪ سان گڏ پارت جي سنسڪرتڪ ووڌتا ۾ ايڪتا جي جيڪا تصوير اسان کي ڏِسڻ ۾ آئي سا اهڙي سمجهدار_شاندار سنويڌان جي مارگہ درشن جو ئي نتيجو

**آهي. ديش جي ترقي ۽ واڌاري ۾ هر ديش واسيءَ جي يوگدان کي نہ ٿو ناڪاري سگهجي.**

سنڌي اَڪادمي، دهلي
सिन्धी अकादमी
दिल्ली

# شاعري / ڪوتا

ارجن حاسد، ڍولڻ راهي، هيرو ٺڪر،موهن همٿاڻي،
موهني هنگوراڻي، روي ٽيڪچنداڻي،
شالني ساگر، منوج چاولا،
گيتا بندراڻي،
مينو پريمچنداڻي

# غزل

ارجن حاسد

ڪنهن سان جهيڙو جهڳڙو تہ هوندو ئي
ڪنهن بهاني ڦڏو تہ هوندو ئي

ملڪ جي آبروءَ جي ڳالهہ ڪيئہ
منهنجو نالو ٻڌو تہ هوندو ئي

مان تہ آهيان شراب جي بوتل
اڪ ٻ ٿورو نشو تہ هوندو ئي

خوامخواه ويٺي ويٺي ياد آئين
ٿيو ڪرڪرو تہ هوندو ئي

ڪنهن زماني ۾ هو بہ صاحب هو
منهنجا سائين، لچو تہ هوندو ئي

سنڌي اَڪادمي، دهلي
सिन्धी अकादमी दिल्ली

اڄ پڪوڙا ھي ڪنھن تريا آھن
اڪ پڃي تو پڇو تہ ھوندو ئي

تون نہ حاسد جون سمجھندين رمزون
تنھنجي سامھون رنو تہ ھوندو ئي

سنڌي اڪادمي دهلي
सिन्धी अकादमी दिल्ली

ڪويتا

# حجاب نہ ڪر

در تي سنهو کڙڪو ڪري
اندر هليو آيو
سچاڻو ٿا
نهاريو مانس
نٿا سچاڻو، گڏبا جو هئاسين
توهان هاڻي نڪرو ڪونہ ٿا
نيٺ توهان جي عمر بہ تہ ٿي
گهر ۾ ٻيو ڪير ڪونهي
چيم توهان سان گڏجي اچان
هاڻي ڇا ڪندو آهين
ڪهڙو ڪم ڪيان، ڪم ڪار ماٺا آهن
ڪم ڳولهڻ نڪرندو آهيان
گرم پيئندين ٿڌو
نہ سائين پاسي وارن وٽان پي آيس
صوف ۾ اڪ هيس

کاٺين تہ کٺي کاءُ
حجاب نہ کر
توهان ڇئو ٿا تہ کاوان ٿو
هَٿُ وڏايائين
اکيون آليون هيس

## ضمير

سامهون اچي بيٺي هئي
نهاريومانس
گڏجي هلي بازار مان وٺي اچون
پاڻ سان ڳالهائيندي وراڻيم
ٻٽونئن ۾ کجهہ آهي تہ کونہ
کاٺ لاءِ وٺٺو تہ پوندو
تنهنجي پرپٺ مان ٻہ پورهيو کندي آهيان
ٿورا پئسا ميڙيا اٿم
مان ننڍي وڏي چوري کندو هوس
اِها کرت چو ڇڏي ڏنم
ضمير گڏ هلڻ کان نٽائيندو رهندو هئو
ٻنهي جي کٽ پٽ هلندي رهندي هئي
هوُ وڏا وڏا ٿهک ڏيئي ڇيڙائيندو هئو

سنڌو جوت 66 ،سال 24، اَنک 2

**مال ورهائي ڪٽندا هئاسين**

**ڪيترن ڏينهن کان اڪيلو ڇڏي**

**پڇي ويو آ**

سنڌي اَڪادمي، دهلي
सिन्धी अकादमी
दिल्ली

كويتا

# “ اَهِلَ”

اِهو پهريون دفعو كونهي
هركنهن جي اَهِلَ كندو آهي
گارِ ڏنيمانسِ
وائڙو ٿي ويو
اكين تي انڌُ ڇانئجي ويسِ
لڄي مان ٿي ٿيسِ
ڪُنڊِ وٺي وڃي ويهي رهيسِ
من ۾ هاهاكار هئو
اكيون آليون ٿي ويون هيون
سڏكو روكي ورتم
هيڏي وڏي معتبر جي
بي عزتي كيم
ماٺمن تاڙيون ڇو وڄايون هيون.

**ڊولڻ راهي**

ڏُکئي صفر ۾ پاڻ ڦرائي ويٺاسين
جو ڪُجھ بہ هو ساڻُ لٽائي ويٺاسين
وطن ڇڏڻ سان ٻيو بہ گھٽو ڪُجھ ڇڏجي ويو
سنڌيءَ جا اهڃاڻ گنوائي ويٺاسين
ٽڙي پکڙجي وياسين ساري دنيا ۾
ڏيھ ڇڏي پرڏيھ وسائي ويٺاسين
بنگلا ماڙيون محل اڏائي خوش آهيون
ليڪن پنهنجون جڙون ڀُلائي ويٺاسين
ايندڙ پيڙهين کي ورثي کان وانجهيدين
گونگو ڪري زبان ڇڏائي ويٺاسين
هر هند آهيون پر گھر کان بي گھر آهيون
وطن وساري حيف پرائي ويٺاسين
سنڌو، سنڌي، سنڌ، سنڌيت جا وارث
اصلي ورثي کي سهسائي ويٺاسين
ڪسڪي ويئي پيرن هيٺان ڇڻ تہ زمين
’راهي‘ پيڙ ۾ پاڻ وڃائي ويٺاسين

تن پڃري ۾ من جو طوطو اڄ ٿو ٻولي
# Me too Me too
سالن کان سورن جون سانڍيل ڳنڍڙيون کولي
# Me too Me too
ٻڌو غور سان گهر گهر مان آواز اچي ٿو
# Me too Me too
گهٽي گهٽي ۾ نگر نگر جو راڄهُ کُلي ٿو
# Me too Me too
سالن صدين جُڳن جُڳن جون چيڪون گونجيون
# Me too Me too
جوالامُکي جي لاونو جون چڻ فينگون ڦهليون
# Me too Me too
عورت جي پيڙا پاتو آواز هي ڳولهي
# Me too Me too
تن_پڃري ۾ من جو طوطو اڄُ ٻه ٻولي
# Me too Me too

نظم_ # Me too Me too ڊولڻ راهي

# غزل

هيرو ٺڪر

وري ساز دل جو وڄائڻ  تي دل ٿي،
وري ڪجھ مڌر گيت ڳائڻ تي دل ٿي.

وري پنھنجا آنسون لڪائڻ تي دل ٿي،
وري ھڪ دفعو مُسڪرائڻ تي دل ٿي.

اُميدن جا ديپڪ جاڳائي ڇڏيا مون،
جو آ دل جي بستي سجائڻ تي دل ٿي.

جي جوڙڻ ئي چاھن، نہ چاھن جي توڙڻ،
اُنھن کي گلي سان لڳائڻ تي دل ٿي

.

وفائن جي بدلي جي ڪن ٿا جفائون،
اُنھن کي بہ آ، آزمائڻ تي دل ٿي.

محبت جي منزل ئي چوٽن ڀري آ،
وري آ نئين چوٽ کائڻ تي دل ٿي.

خبر اٿم تہ رستو اڻانگو آ هيرا،
مگر آهي منزل کي پائڻ تي دل ٿي،

رهي چُپ ٻڌو اٿم ٻين جو گهڻو ڪجهہ،
مگر آهي اڄ ڪجهہ ٻڌائڻ تي دل ٿي.

# مارننگ

موهن همٿاڻي

گڊ مارننگ مان
گڊ
گُڊ باءِ ڪري ويو آهي
هن شهر جي هوا ۾ لڳي ٿو
ڪُجهہ اهڙو ملي ويو آهي
صُبح بہ
صُبح جهڙو ڪٿي رهيو آهي
پڪي بہ
ڪنڊ ۾ ڪرونڊڙو ٿي
سوچي رهيو آهي....
سچ ڪي بہ، هن شهر ۾
هاڻي گهٽو انٽريسٽ
نہ رهيو آهي
سچ کي رڪويسٽ ڪيائين
سنان ڪرڻ لاءِ
هڪ ڊُڪ سچ سان ٿي
منهنجو ڪم هلي ويندو آهي

ڪُجهہ سٽون
اُلجهيون پيو هيون
وهاٽي هيٺان
ڪافي وقت کان
صُبح جو اُٿيس
نظر سامهون بيٺو هو،
مسڪرائيندي چيائين!
"گُڊ مارننگ!"

# سربت دا پيلا

موهني هنگوراڻي

ڪيسري ڪنواري رات هجي
مٿي ٽم ٽم هيرن جي بسات هجي
اهڙي اُجياري اُپ جو
چار وال شل تڪر ڪٿي
واهہ جو وڳو سپائي پايان ڇيڪو
يادن جي گيندن سان راند ڇڏي
اُتي بيهان سپنا ۽ ننڊ ڇڏي
رڙ سياري جي صبح جو
اُٿاري اچان شل سج
سندس سوڙ ڪسي ڇڪي
نہ بيهان ڪٿي هتي هتي
هلندي هلان ،هلندي هلان
هن صفر ۾
۽ برفن جا
شربت ڳڙڪائيندي _ ڳڙڪائيندي
هلندي هلان، هللندي هلان
هن صفر ۾

سنڌو جوت 66 ،سال 24، اَنڪ 2

**ٻڍڙي وڃان شل**

**سُک جو سبب**

**پنهنجي لاءِ ٻين جي لاءِ ۽**

**سڀ جي لاءِ**

**"تيري ڀاڙي سربت دا ڀلا"**

**"سروي ڀوتو سکي"**

# ڏيئرون آهن جهرڪيون

ڊا. روي پرڪاش ٽيڪچنداڻي

ڏيئرون آهن جهرڪيون
ڳالهائيندڙيون آهن
ڪلاڪن جا ڪلاڪ
پاڻيءَ سان
هوا سان
اُس سان
آڪاش سان
۽ پچنديون آهن
وڻ جي شاخن کان
پنن کان
منڊن ميون کان
سندن خوشيءَ جو راز.
ڪيڏنديون آهن جڏهن
ساگر جي لهرون ساڻ
تہ، ڪيڏندين _ ڪيڏندين
ڏسي ونديون آهن
جيون ۾ اونهو وڌيڪ اونهو

# ڳالهہ ڪُجھہ واجب نہ لڳي....

منوج چاولا ’صفر‘

چئني ڪندن برابر فرض نڀايو،
فرض فقط هڪ ڏينهن ٽي ڏينهن جو تہ هو،
هونءَ ماءُ پيءُ ڪٿي ياد هئن...!
اڳتي بہ ائين ئي نڀائيندا ايندا
چئني گهرن ۾ الڳہ الڳہ شراد ٿيندو...
ڳالهہ ڪُجھہ واجب نہ لڳي...

هڪ ٻي وٽ ايندا ويندا آهيون،
دنيا داري نڀائيندا آهيون
مون تہ توکي بسڪوٽ بہ کارايا
۽ تو وري ڪُتن کي،
تنهنجو ڪُتو پر مونکي ڏاري....!
ڳالهہ ڪُجھہ واجب نہ لڳي...

دل جو دونهون دٻايو چڙيو،
سگريٽ جي پويتر دونهي ۾،
توسان اڄ دل جو حال چا اوريو،

سنڌو جوت 66 ،سال 24، آنڪ 2

سنڌي اڪادمي دهلي
सिन्धी अकादमी दिल्ली

تنهنجو جيءُ بہ جلي ويو،
تو سموڪنگ ڇڏي ڏني...!
ڳالهہ ڪُجهہ واجب نہ لڳي...

مون ڪٿي چيو تہ ڏوه تنهنجو هو،
پر اڄوڪي رات ناپاس ٿي وئي،
ڊائري ۽ پين پنهنجي جڳهہ تي ئي هئا،
پيپر ويٽ ۽ ٽيبل لئمپ بہ مؤجود هئا،
تنهنجن لفظن ئي توکي ساٿ نہ ڏنو...!
ڳالهہ ڪُجهہ واجب نہ لڳي...

سنڌي اڪادمي، دهلي
सिन्धी अकादमी दिल्ली

# امن جو پانڌيئڙو

شالني ساگر

ساهتيڪار ڪوي پترڪار
ديش جو پيارو نيتا، هر دل عزيز
پارت رتن هو ارادي جو اٽل
هنديءَ ڪي جنهن ماءُ،
سنڌيءَ ڪي جنهن ماءُ،
ڪري جاڪوڙ مانُ سنڌيءَ جو وڌايو،
ٻولي سنڌي ٿي تسليم
شان سنڌين جو وڌيو.
اهڙو هو پيارو نيتا اٽل.
امن جو پانڌيڙو سرحد پار
ڪٺي پهتو دوستيءَ جو پيغام.
ديش جو پيارو نيتا ارادي جو هو اڏول
ديش جي حفاظت لاءِ
پريوگ پرماڻو شڪتيءَ جو ڪيو
راڄنيتيءَ جو ڌرو تارو
هر دل عزيز هو اٽل انمول
ياد توکي ٿا ڪيون
سلام توکي ٿا ڪيون. سلام توکي ٿا ڪيون.

## شاعري

گيتا بندراڻي

تون ويهہُ هِت، مان بہ تو وهان،
اوڏو ويهي اڄُ تہ حساب ڪريون
تِتلي گهمي آئي باغيچي منجا
پوئري جو اڄُ تہ انتظار ڪريون
ميجسٽريٽ ويٺو آهي تخت تي،
ڏوهيءَ کي اڄُ تہ شرمسار ڪريون
چور چڱا گهڙيا آهن محل ۾،
تنهي کي اڄُ تہ بي نقاب ڪريون
اڄُ موقعو مليو آهي ويهڻ جو
ڳالهيون اڄ تہ بي حساب ڪريون
چوري ۽ سينازوري نہ هلندي
راز جو اڄُ تہ پردوفاش ڪريون

# نوان آواز

جيوتي روهڙا، نِشا ڏنواڻي، دويا ڏنواڻي، سنجيہ روهڙا

سنڌو جوت 66، سال 24، اَنڪ 2

# پپ

جيوتي روهڙا

هي پپ قَسم سان وڏي ڪمال جي جڳهہ آ،
ٿڪل زندگيءَ ۾ آرام جي جڳهہ آ،
هي خالي خالي ڪُرسيون،
هي ٻرندڙ وسامندڙ بتيون،
جتي سيني کي پسند جو ٿو ملي جام،
هيءَ ڪوڪلي ڪلندڙن جي شام،
هي پپ قَسم سان سڪون / چئن جي آهي جاءِ.

هر روز ميڙ هي جڳهہ کولندي آهي،
پپ جي بتين تي خاموشي ڳالهائندي آهي،
اڄو هتي اچي پناهہ ورتو،
سڄي ڏينهن جي ٿڪاوٽ پري ڪيو،
خبر ناهي اڄ ڇو، جيڪو ڪلهہ مون سوچيو هو،
هاڻي پلجي ويو سڀ ڪي،
سياڻي جو سياڻي ڏسبو
هي پپ قسم سان وڏي ڪم جي جڳهہ آهي.

هن ٽيبلين تي چپڪيل بد رنگ چهرا،

پاڻ جي اندر لڪائي ويٺا آهن داغ گهرا،
پڇي ڪوئي انهن کان هو گهر ڇو نٿا وڃن
پهريان وارا گهاو باقي آهن يا ڪُجهہ ٻيا نوان پيو آهن.

هي پڻ حڪيم جو دواخانو آ،
هي پڻ هر علاج جو مرض آ،
هي پڻ لاهيندو هر سوُر جو قرض آ،
هي پڻ قسم سان وڏي ڪم جي جڳهہ آ،
ٽڪل زندگيءَ ۾ آرام جي جڳهہ آ پڻ

# گُڏيا

نشا ڏنواڻي

پياري  سندر ۽ گهُنگرالي وارن واري گڏيا.
پلاسٽڪ سان ٺهيل انساني بناوٽ جو بهترين نمونو آهي گُڏيا.
مرڪندڙ شڪل ڏسي هنجي خريد ڪري آيو پٽ منهنجو هڪ گُڏيا.
بي مثال دوستيءَ جو رشتو هن قائم ڪيو گُڏيا سان.
هر هندُ هوُ ويندو هو گُڏيا سان.
۽ سپنا ٻہ ڏسندو هو گُڏيا سان.
هڪ ڏينهن هُن ٻانهن هنجي ڪڍي ڇڏيائين.
اڳي ڏينهن هن وار هنجا کولي ڇڏيائين.
وري هن نستاهہ چِر ڇيري ڪري ڪڍيائين.
آخر ۾ ڪپڙا هنجا ڦاڙي ڇڏيائين.
هاڻي گُڏيا هر هند ڪان پڇڪيل، ڦاٽيل ۽ ٽُٽل آهي.
مونکي گُڏيا کي ڏسي ڪنهنجي ياد اچي رهي آهي.

# بي سهارا

دويا ڏنواڻي

ڪنهن مُرجهايل پر خوشبودار گُل جهڙو ٿيڻ انهنجو
ڪنهن سُڪل سمنڊ وانگر شانت رهڻ انهنجو
ڪنهن بستيءَ ۾ يا ڪنهن وڏي پل جي هيٺان گهر انهنجو
اَن جو ٿي ڏينهن ڪان نہ ملڻ ڪري ڪمزور شرير انهنجو
خانا بدوش وانگر سڄي شهر ۾ ڀٽڪڻ انهنجو
ڪڏهن ساهہ پنهنجو هڪ ڇيڪلي ۾
ڀري رکو بي رپئي ۾ ڏيڻ انهنجو
لفن ڀريل پيرن سان ڀڄي ڀڄي
گاڏين جا شيشا چمڪائڻ انهنجو
ڪنهن جي ڦٽي ڪيل روٽي کائي
ڏئائون ڏيندڙ من انهنجو
وري ڪنهنجو ڪيل واعدو ياد ڪري
اُميدن سان ڀريل هر لمهو انهنجو
ايتري خلق سان گڏجڻ کان پوءِ بہ
بي سهارا جيئڻ انهنجو

# نظر جو کيل

**سنجيہ روهڙا**

**نظر نظر کي چا چوان،**
**نظر نظر کي مارينديءَ آ،**
**هڪ نظر ڪٽنديءَ آ جڳت ۾،**
**هڪ نظر ڪرائينديءَ آ،**
**نظر نظر جو ڦير آ،**
**ڏسڻ جو ڪاٽو مرم آ،**
**ڪنهنکي ڏسڻ ۾ لڳي خالي آ اڌ،**
**ڪنهنکي ڏسڻ ۾ لڳي ڀريل آ اڌ،**
**هي اکين جو کيل آ ڪهڙو،**
**بن ڀنڪ جي پرندو جهڙو،**
**ڏسڻ ۾ آ فرق سوچ جو،**
**هن نظر هُن نظر کي ڏنو آ ڪهڙي نظر سان،**
**سماج ٻنهي کي ڏنو آ ڪهڙو هڪ نظر سان،**
**نظر نظر جو فرق اڄ انسانيت تي ڀاري آ،**
**سچ آهي تہ ماڻهو کان ڀري ڪوڙ سيني تي ڀاري آ،**

## سياست

اسان تہ آهيون ڪلڻ ڪلائڻ وارا،
هر ڳالهہ جو تماشو ٺاهي ڏيندا آهن زماني وارا،
ڌرم جي ڳالهہ چوان يا شرم جي،
هڪ جهڙا ئي آهن مندر ۾ مسجد کي ڪرائڻ وارا،
الله وارا رام وارا پنهنجي مذهب کي بچائي وٺو،
مندر مسجد کي ڪڍهن فرست سان ٺاهي وٺجو،
گهر نفرت سان ٽٽل آهن هو گهر ٺاهي وٺو،
پنهنجي گهر جي ڇت کي بچائي رکجو،
پاڙي وارا پيٽ کي ڪيرائڻ وارا،
هڪ هي رهڻ ڏيو ترنگو جهنڊو،
روز نئين ڏنڊي ۾ جهنڊو فسائڻ وارا،

سنڌي اڪادمي، دهلي

# ڪهاڻي

## سرحد پار کان ايندڙ هوائون

شوڪت حسين شورو،جهان آرا سومرو

सिन्धी अकादमी
दिल्ली

# ويل وقت جون ڳريل تندون

**شوڪت حسين شورو**

اڄ ڇاٽل سيل نمبر تان روزانو صبح جو گلن وارا گڊ مارننگ ٿو مين ڪان واٽس ائپ تي هلندڙ سلسلو هڪ ڀيرا خيال آيو تہ پڇانس : اوهان ڪير آهيو؟ پر پوءِ سوچيم پڇي ڇا ڪندس! هن ڪي پاڻ پنهنجو نالو ٻڌائڻ کپي. هڪ صبح جو گلاب جي اڌ ٽڙيل گل جي ڏنڊي هڪ خوبصورت هٿ ۾ جهليل هئي. هيٺان لکيل هو: اوهان مونکي نٿا سڃاڻو؟”

مون جواب ۾ لکيو، “آئون نہ پهتل شخص آهيان وري ڪو جادوگر جو مون کي خبر پئي تہ اوهان ڪير آهيو!” “جواني وڃڻ سان گڏ جادو بہ هليو ويو ڇا؟ ” جواب جو جواب لکجي آيو.

مون کي ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي

“جوانيءَ ۾ ڪهڙو جادو هو مون وٽ، سا مون کي پاڻ کي خبر خبر ڪانهي!” اجائي ڊيگهہ ۾ پوڻ نہ چاهيندي بہ مون کي لکڻو پيو. “توبهہ ڪر جوانيءَ ۾ تو جيڪي قهر ڪيا سي وسري ويا ٿئي ڇا؟”

دل ۾ آيو چوانس، ‘اوهان ڪير ٿيندا آهيو منهنجي ذات تي ڳالهائڻ وارا؟’ مون واٽس ائپ بند ڪري موبائيل رکي ڇڏيو. سوچيندو رهيس ڪير ٿي سگهي ٿو! مون جوانيءَ ۾ ڇا ڪيو. ان جي هن کي ڪهڙِ خبر آهي؟

ٻئي ڏينهن صبح جو گل سان گڏ لکجي آيو: "ڪلهہ لاجواب ٿي ئين نہ؟

مون لکيو."اجاين ڳالهين جو ڪهڙو جواب ڏيان؟ هاڻي اها عمر بہ ڪانهي جو موبائل تي ويهي نوجوانن وانگر اڻ ڇاتل ماڻهن سان ڪچهري ڪريان."

"پهرين ڳالهہ تہ آئون اڻ ڇاتل ڪونہ آهيان ٻي ڳالهہ تہ ڀلي تنهنجي جواني نہ رهي هجي ، پر هن عمر ۾ پاڻ وڌيڪ گريسفل ٿو لڳين."

"توکي ڪيئن خبر پئي؟"

"مون فيس بوڪ تي تنهنجا تازا فوٽو ڏٺا آهن."

فيس بوڪ! واٽس ائپ! انسٽا گرام! ٻيو الائي ڇا ڇا ! ماڻهو ڇڻ پنهنجي نالي جي تختي ڪنيو شهر جي وچ چوڪ تي ويٺو آهي. ٽيڪنالاجي جي نون طريقن خانگي زندگيءَ تان پردا لاهي ڇڏيا آهن.

"تون ڀلي مون کي سڃاڻي نہ سگهين، پر پاڻ هڪ ٻئي جا ڄاتل سڃاتل ....ڪجهہ ان کان بہ وڌيڪ."

مون کي لڳو ڪو ڄاڻي واڻي تنگ ڪري رهيو آهي. ڪاوڙ مان لکيم: "پنهنجو نالو ٻڌائي تہ خبر پئي، نت تہ بند ڪر."

"ٻن ٽن مهينن کان پوءِ ٿو پڇين؟ معنيٰ تو منهنجي گڊ مارننگ کي ڪنگهوئي ڪونہ!"

ڪاوڙ تہ ڏاڍي آئي، پر رڳو ايترو لکيم، "پڇڻ کپندو هو غلطي ٿي وئي."

“سچي عمر غلطيون ئي ڪندو رهيو آهين.”

منهنجي مغز مان چڻ ٺڪاءُ نڪري ويو. زوراٽتو ڌڪ لڳو هو اهو تہ آئون پنهنجو پاڻ کي چوندو رهيو آهيان. رکي رکي خيال آيو تہ مون سچي عمر غلطيون ئي ڪيون آهن

“ڇا پيو سوچين؟ سوال لڪجي آيو.

“پليز! مون کي وڌيڪ تنگ نہ ڪر پنهنجو نالو ٻڌائي.”

“پهرين تون ٻڌائي ڳالهہ دل سان لڳي اٿئي؟”

“سچ ٻڌايان؟ پر پهرين خبر پئي تون آهين ڪير؟”

“تنهنجي سچ ٻڌائڻ يا نہ ٻڌائڻ سان ڇا ٿيندو؟ مون کي تنهنجي سچي خبر آهي.”

آئون پريشان ٿي ويو هوس ڪير آهي جنهن کي منهنجي سچي خبر آهي! آئون ڪجھ دير تائين بند ٿي ويل اسڪرين کي ڏسندو رهيس.

“سال نبري ويا آهن. گهڻو ڪجهہ بدلجي ويو آهي. پر الائي ڇو مونکي روئڻ اچي ويو آهي. آئون روئندي پنهنجو نالو پئي لکان_ نوري.”

زوردار ٺڪاءُ سان گجگوڙ ٿي هئي ۽ وڄ جو چمڪاٽ ٿيو هو_ پر اهو ٻاهر آسمان ۾ نہ، منهنجي ئي من ۾ ٿيو هو

انساني ذهن هڪ ڳماٽي جهنگ وانگر آهي جنهن ۾ الاهي ڪيتريون شيون ، ڳالهيون اونداهي جي ڪاراڻ ۾ لڪل هونديون آهن. پر جڏهن ذهن ۾ ڪو اوچتو وڄ جو چمڪاٽ ٿيندو آهي تہ ڪي وڃايل وٿون وري چٽيون ٿي ويندوين آهن. وسري ويل ڳالهيون ذهن جي سطح

تي تري ايندیون آهن. هوءَ جيڪا من جي افق تي سج وانگر اڀري هئي، سا پوءِ شفق جي رنگن وانگر وٽڙي وئي هئي. وري هن جي نالي سان شفق جا ٽريل رنگ نئين سر نروار ٿيا هئا. پر هاڻي گهڻي دير ٿي چڪي هئي. مون چاتو ٿي تہ نہ آئون اهو ساڳيو رهيو هوس جيڪو ان وقت هوس ۽ نہ هوءَ ساڳي رهي هئي هوندي جيڪا هوءَ ان وقت هئي. وچ ۾ سالن جو فاصلو هو جنهن کي لتاڙي وري موٽي وڃڻ انساني وس ۾ ڪونہ هو.

اسين ڪڏهن مليا هئاسين ۽ ڪيئن وڇڙي وياسين. اهي ڳالهيون هاڻي بي معنيٰ بڻجي چڪيون آهن. اسان جا ساهہ هڪ ٻئي جي ساهن ۾ سمايل هوندا هئا، انهن ساهن جي سرهاڻ هوائن ۾ ڪڏهو ڪو اُڏامي وئي هئي. هاڻي تہ ان جو احساس بہ ناهي رهيو. جيڪڏهن ڪو احساس باقي رهيو آهي تہ اهو هڪ بيحد پيڙا وارو احساس اهي پيڙائون نيٺ پٽرائجي فاسلا بڻجي رهجي ويونديون آهن. ختم پوءِ بہ نہ ٿينديون آهن. سارو ٽيون ماڻهوءَ سان سندس پاڇي وانگر گڏ هلنديون رهن ٿيون ۽ ماڻهوءَ کي خبر ئي نہ هوندي آهي. پر جيستائين هو آهي. پنهنجو پاڻ کان پڇي نٿو سگهي.

مون جڏهن پهريون ڀيرو هن کي ڏٺو هو تہ ڏسندو رهجي ويو هوس گهري سانوري، ننديون چمڪندڙ اکيون، ڇڊي ڪکر ۾ لڪل چنڊ جهڙي صورت ڪشش. نيٺ لاڙي لمحو، هر ڳالهہ سڌي سنواتي.

"مون کي خبر پئي تہ اوهان منهنجي شهر ۾ پڙهيا آهيو. هاڻي اهو ڇوڪرين جو اسڪول آهي. آئون اتي ٽيچر آهيان."

جيستائين آئون حواسن کي ميڙي گڏ ڪري جواب ڏيان، هن مرڪندي چيو، “بس ائين اوهان سان ملڻ جو خيال آيو. ٻيو ڪو ٻہ ڪونهي.”

“منهنجو ڳوٺ اوهان جي شهر کان ٿورو پرتي آهي.” مون ئي پاڻ کي سنڀالي ورتو هو.

“وري ٻہ آهيون تہ پاڙيسري نہ.... هن کلندي چيپ هپ.

سفيد موتي گلن جهڙا جرڪي پيا هئا.

ڪهڙي خبر تہ پاڙيسري وارو رشتو پيار جي رشتي ۾ تبديل ٿي آخر ۾ درد جو رشتو بڻجي وڃڻ وارو هو!

زمانا گذري ويا. سچ ڪئين ڀيرا شفق جي لالاڻ چڏي ٿبي هٽي ۽ وري ڪئين ڀيرا افق تان ايريو زمانن جي انهن وروڪڙ تي هوءَ وڃائجي وئي هئي مون کان يا آئون پاڻ وڃائجي ويو هوس اهي وروڪڙ پيچرا بہ وڃائجي متجي ويا هئا.

مون پهريون ڀيرو نوريءَ کي ڏٺو هو مون کي لڳو منهنجو ڪو حصو مون کي ڇڏي هن جي بدن کي وڪوڙي ويو هو. اهو وري مون ڏانهن نہ موٽيو، هن جي وڇڙي وڃڻ کان پوءِ بہ شايد اجا بہ هن جي من سان وڪوڙيل هجي اهو منهنجو مون کان ٽٽي ويل حصو ۽ هن کي هن جو احساس هوندو بہ الائي نہ! هوءَ جڏهن ويجهي هوندي هئي مون کي لڳندو هو منهنجو جسم هن جسم کي ميرو نہ ڪري ڇڏي. هن جو جسم هميشهہ اجرو هوندو هو _ تاج محل جي سنگمرمر جهڙو خوبصورت نوريءَ جو

جسم هيترن زمانن گذرڻ ڪان پوءِ اجا بہ ساڳيو شفاف اهڙو هوندو، منهنجو من تہ اٿس

تاج محل بہ ٽي ڀيرا ڏٺو آهي. هر ڀيري اهو مون کي وڌيڪ خوبصورت لڳو آهي. چون ٿا تہ تاج محل جي سنگمرمر جي خوبصورتي وقت سان گڏ جهڪي ٿيندي، ميري ٿيندي پئي وڃي! مون کي تہ ڪونہ لڳو آهي. پر پوءِ بہ آئون ڳالهہ ٻڌي ڏڄي ويندو هوس، تاج محل لاءِ نہ تولاءِ تولاءِ..... انومان پراڏو ٻڌجي من ئي وياڪل ڪري ڇڏيندو هو.

“هو ڪيئن آهي؟ ” هڪ ڏينهن فون تي ڳالهائيندي مون هن کان پڇيو؟

“هو ڪير؟ ڪنهن جي ڳالهہ ٿو ڪرين؟” هن کي منهنجي ڳالهہ تي حيرت لڳي يا هوءَ منهنجي ڳالهہ سمجهي ڪانہ!

“تنهنجو مڙس، “مون ڳالهہ کي چٽو ڪندي ، چيو

هوءَ ڪجهہ دير خاموش رهي مون کي لڳو مون کي شايد اهڙو سوال پڇڻ نہ کپندو هو

“هو گذاري ويو.” نوريءَ عام رواجي انداز ۾ چيو.

“اوهہ! ساري، ” مون افسوس ظاهر ڪيو.

‘ساري ڇاجي لاءِ؟ نوريءَ جي آواز ۾ حيرت ظاهر هئي.

“مون کي اهو پڇڻ نہ کپندو هو...”

هوءَ کلڻ لڳي، “تو ڪا اهڙي غلط ڳالهہ تہ ڪانہ پڇي آهي.”ڪن رڪي وري هن چيو، “پر مون کي هن جو ذڪر ڪرڻ نہ وڻندو آهي.”

آئون منجهي پيس. نوريءَ جي ان ڳالهہ جو مطلب ڇا هو؟ مونکي ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ آيو تہ ڇا چوان!

"توکي شايد منهنجي ڳالهہ عجيب لڳي هجي. مون هن کي جهڙو سمجهيو هو، اهڙو نہ هو مون غلط ماڻهوءَ سان شادي ڪئي هن کان وڌيڪ ڪجهہ ٻڌائڻ اجايو آهي."

"ها، ماڻهوءَ کان غلطيون ٿي وينديون آهن. ڪنهن کي سمجهڻ ايترو سولو بہ تہ ڪونهي،" مون کي پنهنجي ڳالهہ عجيب لڳي.

"پر مون تہ ڄاڻي واڻي غلطيون ڪيون آهن زندگيءَ ۾ توکي ڇڏي وڃڻ جي غلطيءَ جي سزا ڀوڳي چڪي آهيان ..."

"بس جيڪو ٿي ويو سو ٿي ويو. سڀ ڳالهيون گذري ويون مون پنهنجي لهجي کي رواجي رکڻ جي ڪوشش ڪئي.

"ڀيو نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ مون کي پنهنجي غلطيءَ جو اعتراض تہ ڪرڻ کپي."

"هاڻي ٿي ويو نہ، منهنجي دعا آهي تہ هاڻي تنهنجي سر تان اهو بار لهي وڃي."

"دعا لاءِ مهرباني،" هوءَ کلڻ لڳي. "هاڻي هن عمر ۾ هڪ ٻئي کي دعائون ئي ڪري سگهون ٿا."

آئون بہ هن سان گڏ کلڻ لڳس.

"ڳالهہ ٻڌ ! نوريءَ اوچتو چيو

"حڪم؟"

“آئون حڪم ڪرڻ جي لائق ئي ڪونہ آهيان ....” هن جو آواز پرجي آيو هو پوءِ پريان ڪو سڏڪو ٻڌڻ ۾ آيو شايد موبائيل کي هن پر پرو ڪري ڇڏيو هو.

“هيلو!” مون زور سان چيو

نوري ٿورو ڪنگهي ڇڻ نڙي صاف ڪئي.

“جي ! هن وراڻيو.

“ڇا ٿيو؟” مون کي خبر هئي تہ ڇا ٿيو، پوءِ بہ مون پڇيو!

“ڪجھ نہ بس نڙيءَ ۾ ڪجھ اٽڪي پيو،” هن زوريءَ کلندي چيو.

“ ڇڱو ٻڌائي ڪهڙي ڳالھ آهي؟”

“آئون هڪ ڀيرو توسان ملڻ چاهيان ٿي. بس رڳو ڏسان ڪيئن ٿو لڳين!”

“فوٽو تہ ڏسين ڇڪي آهين نہ...”

“ ها، پر روبرو ڏسڻ ٿي چاهيان.”

روبرو هڪ پوڙهي ڪمزور، نستي ماڻهوءَ کي ڏسندينءَ ! ”مون حيرت مان چيو

“ تہ آئون وري ڪهڙي جوانڻ جماڻ آهيان،” کل جون گهنڊڙيون وڄي اٿيون. مون کي لڳو هوءَ دل سان کلي هئي. “پر تنهنجو آواز ذرو بہ نہ بدليو آهي. اهو ساڳيو آواز، اها ساڳي کل آهي،”منهنجي ان ڳالھ ۾ تر جيترو بہ وڌاءُ ڪونہ هو.

“سچي؟ مون کي تہ اهو ڪنهن ڪونہ ٻڌايو آهي !” هن کي منهنجي ڳالهہ تي ويساهہ ڪونہ پئي آيو.

“بي ڳالهہ ايترن سالن کان پوءِ تنهنجو آواز ٻڌو آهي ۽ جي سچ ۾ ٿوري بہ ملاوٽ ڪانهي.” اسين بئي دير تائين کلندا رهياسين.

پوءِ هن جي آواز ۾ ڏک پيرجي آيو. “هاڻي رڳو اهو آواز ئي ساڳيو وڃي بچيو هوندو....”

“اها ڪهڙي ڳالهہ آهي؟ عمر سان گڏ ماڻهوءَ جو جسماني طور بدلجي وڃڻ فطري ڳالهہ آهي،” مون هن کي آٿت ڏيڻ چاهي.

ها ائين تہ آهي. پر مون توکي جيڪو ملڻ لاءِ چيو تو ان جو جواب ڪونہ ڏنو؟” نوريءَ مون کي ياد ڏياريو.

“چڱو ڏسون ٿا،” مون چيو

اهو تون نٽائين ٿو، ڏس، منهنجي ڳالهہ مڃ نہ پليز بس هڪ ڀيرو،” هن جي آواز ۾ منٿ هئي.

“ٺيڪ آهي، آئون سياڻي پروگرام ٺاهي توکي ٻڌائيندس،” مون وٽ سچ تہ نٽائڻ جي گنجائش ئي ڪانہ هئي.

ويل وقت جون تندون ڳري ڇڇي چڪيون هيون ٽٽل تندن کي سيڙي سيڙي ڳنڍيون ڏئي جوڙڻ ممڪن ئي ڪونہ هو. عمر جي اهڙي سرحد کي پار ڪرڻ ۾ جڏهن باقي ڪو ٿورو وقت رهجيو هجي تڏهن ڳنڍ ڳوپ جو خيال ئي ڪل جوڳو ٿي لڳو. پر هن جنهن لهجي ۾ هڪ ڀيرو ملڻ لاءِ چيو هو سو تند تنوار هجي جيءَ کي جنجهوڙيندو رهيو. پنهنجو پاڻ

سان جهيڙيندي نيٺ مون کي مڃڻو پيو. مون نوريءَ کي ميريٽ هوٽل جي ريسٽوران ۾ ملڻ لاءِ چيو.

“ورهيہ لنگهي ويا آهن اسين هڪ ٻئي کي سڃاڻي ڪيئن سگهنداسين؟ ” مون نوريءَ کي چيو.

“تون فڪر نہ ڪر، آئون توکي پري کان سڃاڻي وٺندس، مون تنهنجا فوٽو جو ڏٺا آهن. پر هونءَ بہ تون اڃا اهڙو ئي لڳين جهڙو اڳي هئين، ” هن کلندي چيو.

هوٽل ڏانهن ويندي من ۾ هڪ مانداڻ متل هو. “ڇا هاڻي ملڻ ضروري آهي؟ ” آئون پنهنجو پاڻ کان پڇندو رهيس، ان هڪڙي سوال جا ڪيترا جواب هئا. خيال آيو موٽي وڃان. ويل وقت کي ورائڻ جڏهن ممڪن ئي ڪونہ هو تہ ملڻ مان فائدو ڪهڙو! پر نوريءَ جي ڳالهہ کي رد ڪرڻ مناسب نہ پئي لڳو. ملڻ ۾ ڪو نقصان بہ تہ ڪونہ هو. من جي ڪنهن ڪنڊ ۾ منهنجي تہ اها خواهش هئي؛ ڏسان هاڻي ڪيئن ٿي لڳي!

آئون ٿورو اڳ ئي ريسٽوران ۾ پهچي ويو هوس ۽ ڪنڊائتي ٽيبل تي وڃي ويٺو هوس

“گيسٽ اچي تہ پوءِ ويٽر کي چيو هئم.

ماڻهو ماضيءَ جو قيدي سڄي حياتي ڪيئن ٿو گذاري سگهي!

شايد سڀ نہ، فقط ڪي مون جهڙا اڀاڳا ماڻهو ئي اهڙا هوندا اها بہ تہ هڪڙي سزا آهي. پل گذري ٿا وڃن، پوءِ پوٽ ٻڌجي سڄي عمر گڏ هلندا رهن ٿا پاڇي جيان! جڏهن خبر نہ آهي تہ هر شيءَ عارضي آهي : جذبا، احساس خوشبو، خيال ،ماڻهو، منظر تہ پوءِ پاڻ کي ڪنهن سان

وابستہ ڪرڻ اجايو آهي. وڇوڙي جا ڏک ۽ ڏنگ بہ تہ وابستگي جي ڪري ڀوڳڻا پون ٿا، مهاتما ٻڌ ڪا اهڙي ڳالهہ چئي آهي ۽ ان ۾ ڪيتري نہ سچائي آهي.

ڪجهہ وقت گذري ويو نوري ايندي تہ اڳوپو گڏجي لنچ ڪنداسين اهو سوچي مون پنهنجي لاءِ چانهہ گهرائي ورتي. ڪجهہ دڪ پيري چانهہ چڙهي ڏنم، ذائقو ڪجهہ بي مزه هو، يا اڪيلو چانهہ پيئڻ ۾ مزو ڪونہ آيو هو! ڪلاڪ کن ٿي ويو.ڪراچي جي ٽريفڪ ڪٿي آهي، ماڻهو ڪٿي ٿو تہ ڪلاڪ لڳيو وڃن نوري بہ ڪٿي ٽريفڪ ۾ نہ ڦاسي وئي هجي، خيال آيو تہ فون ڪري پڇانس، ڪٿي پهتي آئين؟ پر وري ارادو بدلائي ڇڏيم. ايندي تہ هوندي ڪٿي ٽريفڪ ۾ ڦاٿل هوندي تہ آئون ڇا ڪري سگندس، نوجواني واري انتظار جي شدت ڪانہ هئي جو پل پل گذارڻ ڏکيو لڳي. بس عام واقفڪارن وانگر ملنداسين. هڪ ٻئي جو حال پڇنداسين، ضرور گذريل ڳالهين کي بہ ياد ڪبو. هاڻي حياتي ڪيئن پئي گذري، ان جا احوال وربا، ماني کائينداسين. ڪجهہ اوپاريون لهواريون، پوءِ هڪ ٻئي کان موڪلائينداسين ۽ پنهنجي پنهنجي ماڳ موٽي وينداسين پوءِ زندگيءَ جو رُٽين ائين گذرندو جيئن گذري پيو. ڪو فرق تہ پوڻو ڪونهي.

ٽيبل تي رکيل موبائل ڪنيم وقت گذارڻ لاءِ ڏسڻ لڳس، تڏهن اوچتو نوريءَ جو ميسيج آيو : ”آئون آئي هيس، ڪريڊور مان توکي ريسٽوران۾ ويٺل ڏٺم. تنهنجو ڪنڌ هيٺ هو. ڪجهہ سوچي رهيو هئين. اها تنهنجي پراڻي عادت ياد ڪري مرڪي پيس، پر پوءِ الاجي ڇو

دل ڀرجي آئي. روئڻ چاهيم پر ايترن ماڻهن جي اڳيان ڪيئن روئان ها! مون جلدي ۾ ڳوڙهن کي اگهي ورتو ۽ وري تو ڏانهن ڏٺو. تڏهن مون کي خيال آيو _چاهيان تنهنجي ذهن ۾ آئون اها ساڳي نوري رهان جيڪا اڳي هيس. تون منهنجي چوڻ تي مون توکي روبرو ڏٺو. توکي شايد خبر نہ هجي تو مون کي ڪيتري خوشي ڏني آهي، اهڙي خوشي مون کي سالن کان پوءِ نصيب ٿي آهي. آئون اها خوشي پاڻ سان گڏ کڻي موٽي ويس.”

# پريم جو پاٽي

**جهان آرا سومرو**

صبح جي روشنيَ درين وارن پردن جي وٿين مان اندرڪمري ۾ گهڙي آئي تہ حبيب الله جي اک کلي وئي. هو هڪدم اٿي ويهي رهيو. ڪيترن ڏينهن کان هن مزي جي ننڊ نہ ڪئي هئي.

ساڳيو شاندار ڪمرو نرم گدن وهاڻن وارو بسترو هو. پر سڄي رات جهاتيون پائيندڙ ننڊ جي ڪري ۽ پاسا ورائي ورائي جاڳڻ ۾ گذري ويندي هئي. ان بي آراميءَ جي باوجود صبح جو سج اڀرڻ شرط جاڳڻ واري عادت ايتري تہ پختي ٿي وئي هئي جو هو ساڳئي وقت تي جاڳي اٿي پوندو هو. هڪ سال اول سج اڀرڻ شرط اٿندو هو. ضروري ڪم ڪار کان فارغ ٿي پوري وقت تي آفيس پهچي ويندو هو. هن جي ڪامياب ملازمت جي سڀ کان وڏي خوبي اها هئي، جو هو هميشہ وقت جو پابند رهندو هو ۽ اها عادت اڄ تائين نہ بدلي هئي. البت حالات ضرور بدلجي ويا هئا. هڪ سال اول جلدي اٿڻ جي باوجود هن کي جلدي جلدي گهڻا ڪم ڪرڻا پوندا هئا ائين لڳندو هو ڄڻ هن وٽ وقت گهٽ ۽ ڪم گهڻا آهن. ڪپڙن جي چونڊ، وهنجي تيار ٿيڻ، ڪاغذ، فائيل سهيڙي بريف ڪيس ۾ رکڻ، ناشتو وغيره ڪرڻ جي وچ ۾ گهر واريءَ کي ملسل سڏ ڪرڻا پوندا هئا.

“ مينا منهنجي ٽاءِ ڪٿي آ؟ مينا منهنجا جوراب؟ مينا جلدي ناشتو ريڊي ڪراءِ. اڄ جلدي وڃڻو آ، ميٽنگ آ، وغيره وغيره.” حالانڪ

هن کي چاڙ هوندي هئي، تہ هن جا ڪپڙا، جوراب، ٽايون جوتا وغيره سڀ پنهنجي پنهنجي جاءِ تي رکيل هوندا هئا. پر آفيس ۾ حڪمراني ڪرڻ جي جيڪا پڪي عادت پيل هئي. ان جو اظهار گهر ۾ بہ هلندو رهندو هو. آفيس ۾ اعليٰ درجو ۽ شان شوڪت مليل هئا تہ گهر گرهستي بہ حاڪمان هئي. زندگيءَ جي ڪمائيندڙ وقت ۾ هن بہ شيون ڏو تي حاصل ڪيون هيون. سي هيون ناموس ۽ دولت. هڪ سال اول رٽائرمينٽ وٺڻ کان ڪجهہ ڏينهن اول هڪ ساٿي ۽ دوست هن کان پڇيو، "حبيب الله ، تنهنجي قابليت جي تہ سيني کي خبر آهي. رٽائر ٿيڻ کان پوءِ ڪانٽريڪٽ جاب آرام سان ملي ويندئي. ڪهڙو ارادو اٿئي؟"

"نہ يار،" حبيب الله ڏاڍي اطمينان سان چيو، "نوڪري گهٽي ڪئي، اڳتي نوڪريءَ جو موڊ ناهي."

"پوءِ ڇا ڪندين؟ اجا تہ فٽ لڳو پيو آهين. هيڏي مصروف، نوڪريءَ "کان پوءِ واندو ويهي سگهندين؟"

"واندو ڪٿي هوندم." هن ڳاٽ اوچو ڪري چيو، "مون پنهنجي آئنده زندگيءَ جو بندوبست ڪري ڇڏيو آهي."

"سو ڪيئن؟"

"آمدنيءَ جا ذريعا ناهي ڇڏيا اٿم. پنهنجي جائداد ۽ بزنس سنڀاليندم. واندڪائيءَ جي وندر لاءِ ڪوڙ شيون گڏ ڪري رکيون اٿم. اڄڪلهہ ڪڏهين تہ ڏيکاريندومانءِ پنهنجي لائبريري. جتي بيشمار ڪتاب، سي ڊيون ۽ ميوزڪ انسٽرومينٽ گڏ ڪري رکيا اٿم. نوڪريءَ

۾ ته تائيم نه ملندو هو شوق پورا ڪرڻ جو. هاڻي سڀ شوق پورا ڪندم.”

“انسان کي ٻڌايو ويو آهي ته ان جو ڪم فقط قول الهيٰ تي عمل ڪرڻ آهي. ته پوءِ فعل الاهه اختيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، نتيجي ۾ ڪيس ڇا ملندو آهي؟”

“نه خدا هي ملا، نه وقال صنم.”

شايد حبيب الله حضرت علي ڪرم الله وجهه جو هي قول نه ٻڌو هو،مون کي سڃاتو، انسان جي ارادن جي ناڪاميءَ مان.”

حبيب الله ڪجهه ڏينهن ته سڪون ۾ گذاريا. پر جيڪو ماڻهو چاليهه سال انتهائي مصروفيت ۾ گذاري. ان جو دماغ ۽ جسم ان جو عادي ٿي ويندو آهي، پوءِ اهو واندڪائيءَ کي جلدي قبول نه ڪندو آهي. حبيب الله به مصروفيت ڳولهڻ شروع ڪئي. ان وقت هن کي عجيب حقيقت جو احساس ٿيو، ته جيڪي مصروفيتون هن ان وقت لاءِ سوچي رکيون هيون، اهي ته هو اڳواٽ ئي ٻين جي حوالي ڪري چڪو هو. ڇاڪاڻ ته انهن جو روان دوان رهڻ ضروري هو. هن کي پهرين ملازمت کان واندڪائي نه هئي ته اهي سنڀالي سگهي.نوڪري دوران اينٽي ڪرپشن جي خوف کان جائداد ۽ بزنس پٽن جي نالي ڪئي هئائين ۽ اهي ئي سنڀاليندا هئا. هر شيءَ پنهنجي پنهنجي جاءِ تي فٽ ٿيل هئي. هن جي جائداد هن جي آمد کي قبول ئي نه ڪيو.

هن هڪ ڏينهن پنهنجي ڏيءُ کي سندس مڙس لاءِ چيو، "نينا، شبير کي نوڪريءَ جي مصروفيت آهي. مان اڄڪلهه واندو آهيان.سوچيان ٿو ڪارخاني جي سار سنڀال پاڻ ڪيان."

نينا هن جي اميد جي خلاف سڌي لهجي ۾ چيو، "بابا، ڪارخاني جي ڪمڙي وڏي مصروفيت آهي. مئنيجر پاڻهي پيو سنڀاليندو آهي. باقي شبير روز شام جو وچي حساب ڪتاب ڏسندو آهي. توهان هاڻي آرام ڪيو. توهان جي ارام جي عمر آهي."

ڪجهه ڏينهن رکي هن وڏي پٽ کي چيو، "سراج مان اڄڪلهه فارغ آهيان سوچيان ٿو پلازد واري آفيس م ويهان. مصروفيت بہ هوندي، توکي بہ مدد ملندي."

پٽ ڪيس دلجاءِ ڏيندي چيو." بابا، مونتي تہ ڪو بوجهہ ڪونهي. سسٽم سيٽ ٿيل آهي. دڪانن جي رينٽ جا پئسا بہ پهرين تاريخ تي بئنڪ ۾ جمع ٿي ويندا آهن. توهان سڄا زندگي گهڻي محنت ڪئي آهي. هاڻي توهان آرام ڪيو، اسان ڪم ڪنداسين."

ٿيون مطالبو هن ننڍي پٽ کان ڪيو: "سجاد، فلور مل جو ڪم ڪار ڪيئن ٿو هلي؟ اڄڪلهہ مان واندو آهيان. سوچيان ٿو تہ فلور مل جي ايڪسٽينشن پنهنجي نظرداريءَ هيٺ ڪرايان."

سجاد لاپرواهي ڏيکاريندي چيو، "بابا، مان فلور مل کي بهتر نموني پيو هلايان مونکي نوڪري تہ آهي ڪونہ. سڄو ڏيان فلور مل تي اٿم. ڪمي پيشيءَ جي بہ خبر اٿم. ڪم شروع ٿيو تہ اوهان کان صلاح

ضرور وٺندم. پر هاڻي توهان جي آرام جا ڏينهن آهن اسان جوان اولاد ڀلا ڇا جي لاءِ آهيون.“

حبيب الله پنهنجي گهر واريءَ سان اولاد جي بي رخيءَ جو ذڪر ڪيو ته هن الٽو ڪيس تسلي ڏيندي چيو، ”حبيبي تون ڪهڙن وهمن ۾ پيو آهين. اولاد ان لاءِ ٿي ته هوندي آهي ته ٻڍاپي ۾ والدين جا بار ڪٽي، سهارو بڻجي. هو سالن ڪان اهو بزنس سنڀاليندا ٿا اچن . سڀ صلح سان ٿا رهن. اهو سڀ ڪجهه اڳي پوءِ انهن جو ئي آهي. تو سڄي عمر ڪم ڪيو آهي.هاڻي آرام ڪر زندگيءَ جو سُڪُ وٺ.“

”پر، مونکي واندو ويهڻ نه ٿو اچي ۽ مان هنن کان ڪجهه واپس نه ٿو وٺان، بس چاهيان ٿو، ته واندو ويهڻ کان بهتر آ ته پنهنجي تجربي ۽ علم سان هنن جي ڪجهه مدد ڪيان.“

”حبيبي، اهي ٻه تنهنجي اولاد آهن علم ٻه اٿن، توکان دانائي ٻه مليل اٿن. هن وقت تائين سڀ ڪجهه صحيح نموني سنڀاليو ٿئون. هاڻي تون مداخلت ڪندين ته تنگ ٿيندا. ڇڏي ڏين، ته پنهنجا ڏنڌا پاڻ هلائين. ادب مراد مان نه ڪيين.“

حبيب الله سوچيو، مينا صحيح ٿي چئي بهتر آ، ته مان پنهنجون الڳ مصروفيتون ٺاهي وٺان.

پوءِ هن پنهنجي لائبريريءَ ۾ وقت گذارڻ شروع ڪيو. پر اها مصروفيت هن کي گهڻا ڏينهن خوش رکي نه سگهي. اهي ڪتاب، اها ميوزڪ هن جي دل بهلائي نه سگهيا.

وقت پراڻي دور جون دلچسپيون ۽ ان عمر جون خواهشون پاڻ سان گڏ کڻي سالها سالن جو سفر طئہ ڪري اڳتي وڌي چڪو هو. انسان پراڻيون شيون ۽ پراڻيون يادگيريون پاڻ وٽ ميراث وانگر رکندو آهي. پراڻيون شيون تہ نوادرات ليکيون ويندون آهن، پر پراڻي وقت جون يادگيريون مايوسيءَ جي ڪيفيت کڻي ايندون آهن.

حبيب الله پراڻين شين ۽ يادگيرين سان دل نہ بهلائي سگهيو. ڇاڪاڻ تہ اهي هن کي مايوسيءَ جي ڪيفيت ۾ مبتلا ڪري ڇڏينديون هيون. هن پنهنجي ڪتنب سان وقت گذارڻ ٿي چاهيو، پر جلد ئي هن کي احساس ٿيو، تہ پار وڏا ٿي چڪا هئا. پنهنجي زندگيءَ جون الڳ مصروفيتون ٺاهي چڪا هئا. گهر واريءَ جو بہ الڳ روز مره هو. ڏٺو وڃي تہ ان ۾ هنن جو بہ ڏوهہ نہ هو. جڏهن پنهنجي شاندار نوڪريءَ ۾ شديد مصروف هوندو هو، تہ هن وٽ پنهنجي ڪتنب لاءِ وقت نہ هو. نہ ئي هو سندن مصروفيتن ۾ حصيداري ڪندو هو. هر وقت ،ان جوڙجڪ ۾ هلندي، سيني پنهنجي زندگيءَ جو الڳ الڳ سٿاءُ ڪيو. جنهن ۾ نہ هن جي ضرورت بچي، نہ ڪا حصيداري!

مينا تعليم يافتہ عورت هئي. اڳ ۾ تہ هوءَ هن جي گهٽ توجهہ ۽ اهميت واري رويي کان ڏکاري رهندي هئي. پوءِ آهستي آهستي پنهنجي لاءِ مصروفيتون ڳولهي ورتيون ۽ خوش رهڻ سکي ورتو. بيوٽي پارلر، پارٽيون، دعوتون، سير تفريح، هن جي زندگيءَ جو محور بڻجي ويا. حبيب الله جڏهن رٽاير ٿي گهر ۾ رهيو، تہ هن لاءِ ڪا جاءِ خالي ئي نہ هئي. هو فقط اضافي شيءَ بڻجي رهجي ويو. گهر ۾ هن لاءِ ڪا

مصروفيت نہ هئي. ٻاهرين دنيا هن کي وسارڻ لڳي هئي. هن کي ڪنهن دعوت يا پروگرام ۾ بہ ياد نہ ڪيو ويندو هو ملاقاتي بہ گهٽ ٿيندي ٿيندي، نہ هجڻ برابر وڃي بچيا هئا. هن جو وقت ڏاڍو ڳرو گذرندو هو.

حبيب الله بستري تي اٿي ويهي رهيو. هيڏانهن هوڏانهن ڏٺائين. هو ڪمري ۾ اڪيلو هو. مينا موجود نہ هئي. حالانڪ هوءَ دير سان اٿڻ جي عادي هئي. هو جڏهن واڪ ڪري موٽي ايندو هو تہ اچي مينا کي ننڊ مان جاڳائيندو هو....

هو تيار ٿي، جاگر پائي واڪ ڪرڻ لاءِ ٻاهر نڪتو. ٻاهر باغ ۾ مالهي بيٺو ٻوٽن کي پاڻي ڏئي رهيو هو. هن مالهيءَ کي مخاطب ٿيندي چيو، "ڊرائيور کي چئجان، گاڏي ڪڍي صاف ڪري اچ مان ڪارخاني ڏانهن ويندم."

"سر، گاڏي تہ بيگم صاحب ڪاهي وئي!" مالهيءَ کيس ٻڌايو.

"ڪيڏانهن ويا ايترو سوير؟"هن حيران ٿي پڇيو.

"سر، شايد ڪنهن پارڪ ڏانهن ويا آهن."

هو سوچڻ لڳو، پوءِ کيس ياد آيو، تہ گذريل رات مينا کيس ٻڌايو هو، نہ هن جو وزن وڌي ويو هو. ان ڪري هن يوگا پارڪ جوائن ڪيو هو.

هن ڪنڌ ڌوڻيو ۽ پوءِ گهر کان نڪري واڪ ڪرڻ هليو ويو.

واڪ کان واپسيءَ بعد هن ناشتو ڪيو. مينا اڃا تائين واپس نہ آئي هئي. هو خالي گهر ۾ بي مقصد ڦرندو رهيو. پوءِ چاٻي کڻي ننڍي گاڏي ڪڍي گهر کان ٻاهر نڪري آيو.

ساڳيا رستا، ساڳيا ماڳ، گهما گمي ۽ شور. سڀ ڪجهہ سالن کان ساڳيو هو. پوءِ بہ ڪا شيءِ هئي، ڪا ڪمي هئي، جيڪا هن کي اندر ۾ ڪٿي محسوس ٿي رهي هئي، جيڪا هن کي سمجهہ ۾ نٿي آئي. جيتوڻيڪ انهن رستن جي رش ۽ رڪاوٽن جو هو عادي هو. پوءِ بہ اڄڪلهہ ٻاهر ڪليل رستن تي نڪرڻ سان هن کي ڪا ڪمي، ڪا بي چيني محسوس ٿي رهي هئي. ڪجهہ تہ هو، جيڪو هن کي اڻ تڻ ڏئي رهيو هو.

ڦيريائين هر موڙ تي، هر چونڪ تي جڏهن ڪنهن سگنل، ڪنهن رڪاوٽ جي ڪري گاڏي بيهجي ويندي هئي ۽ رستي کلڻ جو انتظار ڪرڻو پوندو هو، تہ هن کي وقت جي زبان جو احساس ٿيندو هو ۽ ڏاڍو پخيل ٿيندو هو، ۽ اها چڙ تڏهن وڌي ويندي هئي، جڏهن ان موقعي جو فائدو وٺندي فقير مٿانئس يلغار ڪندا هئا. ڪو ميرو گدلو ٻار، مسلسل دري ڪڙڪائيندي خيرات گهرندو، ڪو صاف ڪپڙن وارو ڇوڪرو مٿي تي اسلامي ٽوپي پائي هٿ ۾ اسلامي ڪتاب ۽ دعائن جون پڪڙيون ڪٽي، چندو گهرندو . ڪو روندو منڊو قاتل ڪپڙن وارو فقير هٿ جهلي بيٺو رڪارڊ جيان صدا دهرائيندو، ڪا برقعي پوش مائي هنج ۾ بيمار ٻار ڪٽي، ان ڏانهن اشارو ڪري علاج لاءِ پئسا گهرندي. اهي سڀ هن کي تمام گهڻي چڙ ڏياريندا هيا. هو ڪين مسلسل دڙڪا ڏيندو ۽ جهڻڪيندو هو. پر مجال آ جو اهي سندس دڙڪن جي پرواهہ ڪن.

هڪ ڏينهن تہ هن جي ڪاوڙ صفا چوٽ چڙهي وئي. جڏهن هو هڪ چونڪ تي سگنل کلڻ جي انتظار ۾ بيٺا هئا تہ ڊرائيور پنهنجي ڪيسي مان سڪو ڪڍي هڪ فقير کي ڏنو.

'تنهنجو دماغ خراب آ.' هن ڊرائيور کي چنڊ ڪنديو چيو." هو هڪ جوان صحتمند ماڻهو هو. هن کي ڪا معفوري نہ هئي. هن کي خيرات ڏيڻ جائز ئي ناهي.

"سر، هو هڪ سوالي هو ۽ سواليءَ جو سوال ڏسبو آ، حال نہ."

"حال ڏسڻ ضروري آهي، نہ اهو خيرات ڏيڻ جي لائق آهي يا نہ جيڪڏهن صحت مزدوري ڪرڻ جهڙو آهي، تہ پوءِ هن کي پنڻ نہ گهرجي. پر جي ائين بنا محنت جي پئسو ملندو، تہ ان جا عادي ٿي ويندا ۽ پوءِ ڪو ڪم نہ ڪري سگهندا. ۽ هيروئنيءَ کي تہ صفا نہ ڏيڻ گهرجي."

"سر، ڊرائيور عاجزيءَ سان چيو، اوهين صحيح ٿا چئو. پر اسان جڏهن پنهنجي رب کان سوال گهرندا آهيون، تہ هو اهو نہ ڏسندو آهي تہ اسان سندس ڪرم جي لائق آهيون يا نہ. اهو تہ صحتمند کي بہ رزق ڏيڻ پنهنجي ذميداري سمجهندو آهي، تہ هيروئنيءَ کي بہ رزق عطا ڪندو آهي. اسان ڪير ٿيندا آهيون، فيصلو ڪرڻ وارا تہ ڪير لائق آهي، ڪير ناهي."

هن کي ڊرائيور جي بحث ڪرڻ تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي. هن ڪيس وڏيڪ دڙڪا ڏيندي چيو، "توهان جهڙا ماڻهو تہ معاشرو خراب ڪن ٿا، هنن بيڪار ماڻهن کي خيرات ڏئي. تون ڏسين نہ ٿو اهي فقير ڪيڏو نہ مغز کائيندا آهن، مان ڪيس خيرات نہ ڏيندو آهيان."

سنڌو جوت 66 ،سال 24، اَنڪ 2

گاڏي هڪ سگنل تي بيهي رهي تہ هو سوچن مان نڪري آيو. چوڌاري ڏٺائين. فقيرن جا ٽولا بيٺل گاڏين ڏانهن پڪڙجي ويا. درين جي شيشن کان خيرات گهرڻ ۽ وٺڻ جو سلسلو شروع ٿي ويو. فقيرن جو هڪ گاڏيءَ کان ٻي گاڏيءَ ڏانهن ڊوڙڻ ۽ صدائن جو شور هو. اوچتو حبيب الله تي هڪ عجيب حقيقت جو انڪشاف ٿيو.

فقير هڪ گاڏيءَ کان ٻي گاڏيءَ ڏانهن ويندي هن جي گاڏيءَ کي ائين نظر انداز ڪراڪٽي ٿي هليا ويا، ڄڻ اها گاڏي اتي موجود ئي نہ هئي! ڪو سامهون ايندي نظر بہ آيو تہ گاڏيءَ جي ويجهو اچي، رستو مٽائي ٻي گاڏيءَ ڏانهن هليو ٿي ويو. ان وقت هن کي ياد آيو، تہ گذريل ڪيترن ڏينهن کان ساڳين رستن، ساڳين چونڪن تي هلندي هن کان ڪنهن فقير خيرات نہ گهري هئي. ڪنهن سواليءَ هن اڳيان هٿ نہ ڦهلايو هو. هن پنهنجي کيسي ۾ هٿ وجهي ٻاهر ڪڍيو. هن جي هٿ ۾ هڪ سو جو نوٽ نڪري آيو. هن دريءَ جي ڀرسان لنگهندڙ فقير ڏانهن اهو نوٽ وڌايو. فقير هن جي هٿ ۾ جهليل نوٽ ڏانهن ڏٺو ۽ هن جي وڌايل خيرات کي نظر انداز ڪري ٻي گاڏيءَ ڏانهن وڌي ويو. هو حيران ٿي ويو. هن نوٽ ڊيس بورڊ تي رکيو ۽ ٻيهر کيسي ما ٻيو نوٽ ڪڍيو. اهو پنج سو وارو نوٽ هو. ۽ اهو دريءَ وٽ جهلي، ان ميري گدلي فقير ڏانهن ڏسڻ لڳو جيڪو منڊڪائيندو سندس گاڏيءَ ڏانهن اچي رهيو هو ان وقت وري ٻي عجيب ڳالهہ ٿي. ان منڊي فقير عجيب نظرن سان هن ڏانهن ڏٺو ۽ رستو مٽائي سندس پٺيان واري گاڏيءَ ڏانهن هليو ويو. هو

حيران پريشان فقير ڏانهن ڏسڻ لڳو. پوءِ بار بار نوٽ کڻي کين آڇيندو رهيو. پر ڪنهن بہ ڪائنس خيرات نہ ورتي. تان جو سگنل کلي ويو.

“ڪو فقير مونکان خيرات نہ ٿو وٺي.” هو ٻڙ ٻڙ ڪندو اڳتي روانو ٿي ويو. رستي تي هلندو رهيو ۽ سوچيندو رهيو تہ، “ڇا اها ئي عجيب ڳالهہ هئي. جيڪا گهڻي ڏينهن کان کيس پريشان ڪري رهي هئي؟”

هو هلندو رهيو. خبر ڪيترو وقت گذري ويو. جڏهن هن بي خياليءَ ۾ گاڏي روڪي تہ سامهون کيس هڪ درگاهہ نظر آئي. هو گاڏيءَ مان لهي درگاهہ ڏانهن روانو ٿيو. سندس هٿن ۾ ڪوڙ نوٽ هيا. جيڪي هن فقيرن کي ڏيڻ لاءِ کيسي مان ڪڍيا هئا. هن جو خيال هو تہ درگاهہ تي گهڻائي فقير هوندا، تہ هنن کي خيرات ۾ ڏيئي ڇڏيندو.هن چوڌاري ڏٺو ۽ اهو ڏسي حيران ٿي ويو، تہ اتي پري تائين ڪو فقير موجود نہ هو. هو درگاهہ ۾ اندر بہ ويو، پر سواءِ چند زائرين جي ڪو فقير نہ نظر آيس. هو ٻاهر نڪري آيو. درگاهہ جي پرسان مسجد هئي. جنهن جي پرسان وضوءَ ڪرڻ جي جاءِ هئي. ڪجهہ پريرو ٻڙ جو گهاٽو وڻ هو. وڻ جي ڇانو ۾ نلڪو لڳل هو. اتي هڪ اڌڙوٽ عمر جو شخص ويٺو نلڪو هلائي هيٺان رکيل بالٽيءَ ۾ پاڻي ڀري رهيو هو. حبيب الله نوٽ هٿ ۾ جهلي وڃي سندس پرسان ويٺو.

ان شخص کي ڦاٽا ميرا ڪپڙا پاتل هئا، ڏاڙهي وڌيل ۽ بي ترتيب هئي. شڪل مان ڪو مست لڳي رهيو هو. هو تڪڙو تڪڙو نلڪو هلائيندي “جهونگاري رهيو هو،” پريم جو پاڻي، سو ڪيڇين ڪم نہ آيو!”

نلڪي مان پاڻي تہ ڀرپور ٿي نڪتو ، پر نلڪي جي هيٺان جيڪا بالٽي رکيل هئي، ان جو ترو ڀڳل هو ٽٽل هو. جنهن ڪري ان جي وڏن سوراخن مان پاڻي وهي ٻاهر نڪري ٿي ويو ۽ بالٽي خالي جو خالي هئي.
هن مست پنهنجي ڪرت رووڪي حبيب الله ڏانهن ڏٺو. هن جي هٿن ۾ جهليل نوٽ ڏسي ڪاوڙ ۾ چيائين،" مان گداگر ناهيان."
حبيب الله نوٽن وارو هٿ هيٺ ڪيو. ڪن پل ترسي چيائين، "مان خيرات ڏيڻ ٿو چاهيان پر مونڪان ڪو خيرات وٺي ئي نہ ٿو!"
مست ست ڏئي ڪا.ئس نوٽ ورتا ۽ نلڪي جي هيٺان رکيل بالٽِءَ ۾ اڇلايا پوءِ نلڪو گيڙيندي زور زور سان چوندو رهيو، "پريم جو پاڻي، سو ڪيچين ڪڪم نہ آيو!"
حبيب الله بالٽيءَ ۾ ڪريل نوٽن ڏانهن ڏسڻ لڳو. جنهن جي مٿان نلڪي مان ڪرندڙ پاڻي وهي هيٺ هليو ٿي ويو. ڪجهہ دير مست اها ڪرت ڪندو رهيو. پوءِ ساهي پٽڻ لڳو.
ساهي پٽي حبيب الله ڏانهن ڏڍائين ۽ پڇيائين، نالو ڇا اٿئي؟"
"حبيب الله" حبيب الله وراڻيو
مست ٺهڪ ڏئي کليو. پوءِ ڪيس گهوريندي پڇيائين، "هن توکي دوست ڪري رکيو، پلا تو ان سان دوستي نڀائي؟"
حبيب الله حيران ٿي ڪيس ڏسڻ لڳو. مست بدستور ڪانئنس وري پڇيو، "تو ڏي ڪيترا نياپا موڪليائين؟ ڪيترا قاصد اماڻيائين؟ تو انهن جي ڳالهہ ٻڌي؟"

"اهي تہ ڊونگي آهن." حبيب الله پنهجي صفائيءَ ۾ چيو، "سچا ٿوروئي آهن."

مست کيس چڙٻ ڏيندي چيو، "اهو پرکڻ تنهنجو ڪم ناهي. يار جي پار جو تہ ڪتو بہ نہ موٽائبو اهي."

حبيب الله وائڙو ٿي کيس ڏسڻ لڳو. مست ٺوڪ واري لهجي ۾ کيس چيو، " هو جيڪي هيئي ڪوڙا سچا نياپا ڪٽي، انهن کي تہ نہ موٽايئہ ڪڏهين."

پوءِ هن کيس هٿ جي اشاري سان وڃڻ لاءِ چيو ۽ نلڪو گيڙڻي ساڳيا ٻول دهرائڻ ۾ مصروف ٿي ويو.

حبيب الله ٻرا قدم ڪڻندو اتان موٽيو ۽ واپسيءَ جي سفر تي روانو ٿيو.

گاڏي هلائيندي هن جي ڪنن ۾ مست جا جملا گونجڻ لڳا. هو سندس لفظن کي پروڙيندو رهيو. پوءِ هن جي اکين اڳيان اهي نظارا ڦرڻ لڳا، جڏهين "هو با اختيار ڪرسيءَ تي هيو ۽ بالا آفيسرن ۽ سياسي سخصيتن جا چمچا ۽ نالائق سفارشي ماڻهو وٽس ڪم ڪٽي ايندا هئا ۽ هو بنا صحيح غلط جي جاچ جي ، انهن جا ڪم ڪري ڇڏيندو هو!"

# ڪهاڻي

جيا جادواڻي

سنڌي اَڪادمي، دهلي
सिन्धी अकादमी
दिल्ली

# شام جي اُس ۾

**جيا جادواڻي**

**مُترجم : ڍولڻ راهي**

اَسُر جو چار وڄنديءَ هڪرو الارم وڄي ٿو سندس اندر. ’هي رام‘ چوندي هو ڏيري_ڏيري اُٿي ٿو.

دیا ڪرو ميري سائيان، ڏيو پريم ڪي ڏات
سک دک اور ڪجهہ وِياپي نهين، جُتي سڀ اُتپات

راڌا سواميءَ جي تصوير تي سندس نظر پوي ٿي ۽ پيڻ جون چيل مٿيون سِٽون سندس ڪنن ۾ گونجن ٿيون. اُنهن سِٽن سان هوُ آتمڪ طور جُڙيل نٿو. سِٽون هن ڪان ايتروئي پري اهن جيترو راڌا سوامي بلب جي ڦڪي روشنيءَ ۾. هوُ بنهي کي ڪُجهہ ويرم ڏسندو رهي ٿو.

اڱڻ من نڪري هو آسمان ڏي نهاري ٿو. اڃا وڏي رات پيئي آهي. هو واپس هنڌ پيڙو ٿيي ڪمبل ۾ ويڙهجي ڌيان جي مُدرا ۾ ويهي رهي ٿو، هِتان هُتان ٿڌي هوا ڪمبل ۾ گهُسي ٿي اچي. ڪمبل ٺيڪ طرح اوڍڻ ۾ ئي ڪافي دير ٿي وڃي ٿي. جهٽڪي سان ڪمبل لاهي هو پلنگ تي وِيٺو ٿو رهي.

جوٽس جاڳي اهي. اڱڻ ۾ سندس هلچل آهٽ ٻُڌندو ٿو رهي. سيني ڪان پهرين هوءَ پاڻيءَ جي موٽر هلائيندي. موٽر ايترو زور سان آواز ڪندي آهي جو ٻيا سڀ آواز اُن ۾ ٻُڏي ويندا آهن. موٽر هلندي ئي هن کي لڳندو آهي تہ هاڻي وقت ٿي ويو آهي. هو ٻاهر نڪري اچي ٿو.

رام ڪيلاون بہ مُرڪي ٿو. هوُ ڪيس اُتي ڇڏي هاٽي پوُري ٻنيءَ جو چڪر هنن لاءِ نڪري ٿو پوي.

هن دفعي فصل پلو ٿيو آهي. هيل هوُ نوڪرن کي بہ ٽي ڳوٽيون وڌيڪ اناج ڏيندو. پروڪي سال بہ هن گهر وارن کي چيو هو. "اڙي ايتري ڪٽڪ ڇا ڪندؤ؟ ڪجهہ هنن غريبن جو بہ خيال ڪريو."

پر گهر ۾ سندس ٻُڌي ڪير ٿو. هيل ڇمون بہ جام ٿيندا پر هاٽي اُهي ڏند ڪٿي؟ پپئيا بہ نٿا ڏين. ڪچا ئي توڙيووچن.

هو اَچانڪ ڪيلي جي وڻ اڳيان رُڪجي ٿو وڃي، "رام ڪيلاون ! هيڏانهن تہ اچ." هوُ روز سان سڏيس ٿو. رام ڪيلاون جهنجهلائيندو ڊُڙي ٿو پهچي." هيل ڪيلا بہ ڪوڙا ٿيندا. اسان هي وڻ پهريون دفعو لڳايو آهي. تون بہ خوب کائجان. ڪوڙ آهن. خبر ناهي گهڻا درجن ٿيندا؟"

هو چپ بيٺو ٻُڌندو رهيو.

"هي وڻ سال ۾ گهڻا دفعا ڦل جهلي؟"

"هڪ ئي دفعو. پوءِ ڪٽي ڦٽي ڪبو آهي."

"ڦٽي ڪبو آهي؟ ڇو؟"

"ڪنهن بہ ڪم جو ڪونہ رهندو. جڳهہ والاريو بيٺو هوندو."

"جڳهہ والاريو ؟" هوُ سُن ٿي بيٺو رهيو.ها هوُ جڳهہ والاريو ويٺو آهي گهر ۾، بيو ڇا؟ ڪم جو تہ ڪڏهن کان ئي ڪونہ رهيو آهي.

هوُ اُداس ٿي وڃي ٿو. سندس اکين آڏو ڦهليل سڀ رنگ جهيٽا پئجي ويا. پيندبين، ٽماٽن، مٽرن جا ننڍڙا ٻوُٽا، ننڍڙا ننڍرا ساوا مرچ ۽ واڱڻ ۽ اُنهن وچ ۾ هلندڙ رام ڪيلاون ... ڇڻ ٻيءَ ڪنهن دنيا جو منظر

احساس ٿيو. سندس سمورو ڌيان ڪوُهه ۾. خبر ناهي هوُ ڪوُهه ۾ يا ڪوُهه هن ۾. ڪيس لڳو تہ هوُ صدين کان گهري ڪوُهه ۾ آهي.ڪاري پاڻيءَ ۾ ڪنهنکي سڏڻ ٿو چاهي.

ٻُڌو... اڙي ٻُڌو... اڙِ ڪو آهي...”

سندس رڙ ٻڌي راڪيلاون ڊوڙندو اچي ٿو.

“ڪجهہ کپيو، ڪاڪا؟”

هوُ موٽي وڃي ٿو پاڻ بہ موٽڻ لڳي ٿو. رستي ۾ رامکيلاون ڪيس پاٽي ڏئي ٿو...

“اُج ئي جيون جو اصلي سچ آهي...باقي سڀ ڪوڙ..

گهڙ پهچي برامدي ۾ پنهنجي ڪرسيءَ تي وڃي ويٺو. رنڌٽي ڏانهن ڪن ڏنائين... ڪو آواز نہ...

“اڙي بابا چانهہ ٻانهن ملندي؟ ڪو آهي..؟

“ها، ها مليو ٿي ...” نُنهٽس جو جهنجهلات ۾ چڙ ڀريو آواز...“اچي ويو خان صاحب ...”

‘هُن ڌيان نہ ڏنو. هوُءَ پليٽ ۾ ڪجهہ بسڪوٽ ۽ پاڻيءَ گلاس رکي ويئي. هو ڪا ويرم بسڪوٽن ڏي ڏسندو رهيو ۽ پوءِ پاڻيءَ ۾ ٻوڙي کائڻ لڳو.

بسڪوٽ ختم ٿي ويا. چانهہ آئي چڊي... ڇُپڙي ڪري پي ويو. پوءِ اُتي ئي ليٽي پيو ۽ پنهنجي ڪمري ڏانهن يڪٽڪ نهارڻ لڳو. برامدي ۾ اُس لهي آئي هئي، چانئٺ تائين. سموري فرش تي پکڙجي

آهي. پاڻکي فالتوُ محسوس ڪرڻ لڳندو آهي. نؤڪرن سان ڳالهائڻ لڳندو تہ پُٽس چوندس، "چُپ ڪري نٿا ويهي سگھو؟"

چپ چاپ ؟ چپ چاپ هئڻ ڪيس خطرناڪ لڳندو آهي. هوُ هميشہ ڪجھہ ڳالهائيندو رهڻ چاهيندو آهي. ڳالهائڻ يعنيِ ڪنهن سان جُڙجڻ. چپ هوندي پنهنجن ئي لفظن جو ڪنهن خالي برتڻ وانگر پنهنجي اندر ۾ وجڻ ڪيس ڊيڄاري ڇڏيندو آهي. ۽ ،هو اُن جڳھہ تان اُٿي لفظن جي دُنيا ۾ اچڻ چاهيندو آهي.

"مونکي گھر ئي ڇڏي اچي ڪو." نؤڪر مالڪ ڏانهن نهاريندو. اسڪوٽر ڪڍندو ۽ پوڙهي کي چاڙهي گھر پهچائي ايندو.ڊيري_ڊيري هن مل تي وڃڻ بہ گھٽائي ڇڏيو آهي.

ٻار جاڳيا آهن ڪيس منٽون ڪري تاتاري اُٿاريو ويو آهي... تيار ڪري منٽون ميڙون ڪري ڪارائي پياري نيرن جا باڪس ڏئي اُماٽيو پيو وڃي.

"واهہ ...واهہ .اسڪول پيا وڃو.. ڀلي، ڀلي ... چڱي طرہ پرهجو لکجو، بنا پرهڻ ڪو بہ وڏو ماڻهو ڪون ٿهي سگھندو آهي اچڪلهہ..."

ٻارن کي ڏاڏي جي ڳالهين ۾ ڪا دِلچسپي ڪانهي. هوُ ڏانهنس اُچاترو نهارڻ بنا ئي هليا ويا.

اُس سندس مٿان وري آئي. هن پنهنجي ڪُرسي اُس کان پاسيري ڪئي. اخبار ڪسڪائي ڪنئي ۽ اٽلڪو خبردار ٿي ويٺو تہ پُٽس پرسان لنگهندو تہ ٿورو ڳالهائي وٺندس. پُٽس آرسيءَ سامهون شيو بيٺو ڪري. ڪانئس رهيو نہ ٿيو. پڇيائينس، "ابا ترڪ ڪانہ آئي اڄ؟"

هن کو جواب ڪونہ ڏنس.

“مِل بہ چالو ڪانہ ٿي آهي. ڏھہ پيا وڄن. ٻيا نؤڪر ڪونہ آيا آهن اَجا؟” پر پوءِ ڪيس ئي ياد اچي ويو تہ ڪلهہ نائيٽ شفٽ هئي. لئبر صبح ڇهين بجي ويو هوندو. پر پُٽ اجا بہ ڪو جواب نہ ڏنو ۽ ٽوال ڪڍي باٿ روم ۾ گهُسي ويو. هو نراڌار ٿي دروازي ڏانهن ڏسندو رهيو. ٻانهن ٽنگين تي مڪيون اجا بہ ويٺل اهن. پر هڪلڻ جو من نٿو ٿئيس. پيٽ ۾ ڪوئا ٿا ڊوڙن. ڇِتي بُک لڳي اٿس. اُٿي پاڻي گلاس پي واپس اچي ويٺو. سوچيائين جوٽس اندر ويئي هوندي. جهاتي پائي ڏسي وٺيس. جيتوٽيڪ پڪ هئس تہ هوءَ ليٽي پيئي هوندي. هوءَ گهڻو ڪري هر وقت ليٽي پئي هوندي آهي. ڪانئس گهڻي دير ويٺو نٿو ٿئي هاڻي. وري بہ هو اُٿي دريءَ مان اندر نهاري ٿو. هوءَ ليٽيل ئي آهي.، نُنهڻس پاسي مان لنگهيس ٿي تہ هو عجب سنڪوچ ۾ پرجي واپس ڪُرسيءَ تي اچي وهي ٿو.

ٿوري دير ۾ نُنهڻس نيرن آڻي رکيس ٿي. نيرن ڏي نهاريندي ئي ناراضگيءَ سان پرجي وڃي ٿو. اڌيو اُڦراٽو ۽ مُربي ذرو. روز اُهوئي. هوُ اُپامي پوَي ٿو. گهر جو ڏٽي آهيان، ڪو فقير فقرو نہ. پوءِ لاچاريءَ وچان اڪيون پرجي اچنس ٿيون.اڄ سندس سَڌ سيري ڪائڻ تي هئي يا سيوُن پٽاٽا يا ٻاجهر جي ڍوڍي جي ڳُر واري ڪُٽي. سالن ڪان ڄن اَترِپتيءَ وچان ڦٿڪندو رهيو آهي...ٻُک.. ٻک ...ٻک ٻِٽي ٻُک ڪيس فنا ڪري ڇڏيو آهي ڄڻ. هن هڪ جهٽڪي سان ٿالهي ڪنئي ۽ ڦتاڪ سان جوٽس جي ڪمري جو در ڪولي سُتل جوءِ کي ٻانهن کي جهٽڪي سان ڇڪي

بستر داخل نہ ٿيو. پچاڙيءَ تائين پنهنجي هلنديءَ هليو. سڄو ڏينهن ۾: جي گدي سنڀاليندو هو، شام جو سڀ روپيا ٿيلهيءَ ۾ ڀري ڪيس اچي ڏيندو هو ۽ ڪاڏو ڪائي سوڙ ڪري سُمهي پوندو هو.

۽ هڪ پاڻ آهي جو سڄي عمر سک جي تلاش ۾ ڀٽڪندو ئي رهيو. جوانيءَ ۾ ڪيترا نہ ڪم ڪيائين. پئسو جوڙڻ، گهر ٺهرائڻ، مِل ڪي وڌائڻ، گودام ٺهرائڻ، تيل جا دٻا ڀريل گودام ۾ پهچائڻ، تيل مِل بعد دال مِل لڳائڻ... ڊُڙ...ڊوڙ...ڊُڙ. تڏهن سوچيندو هو هڪ دفعو محنت ڪري جوڙي ونجي پوءِ سک ماڻيو، سڀ ڪُجهہ ٺاهڻ جوڙڻ ڪانپوءِ بہ سک ڪيڏانهن ويو؟ اُن وقت سک ماڻڻ جي فرصت نہ هئي، اڄ فرصت تہ گهڻئي آهي ، سک جو نالو ڪونهي.

هوُ ڪُرسيءَ تي ويٺي ويٺي ڪُرجڻ لڳو.

“ننڍ تي اچيوَ، تہ گهر وڃي سُمهي پئو...” هن چرڪ ڀري ڏٺو... ننڍو پُٽس هو.. هو جيسين ڪيس جواب ڏئي تيسين تہ هو اوجهہ: ٿي ويو اکين کان. هوُ اسماءِ تي ڏسندو رهيو. ڪنهنکي فرصت ڪونهي جو بہ گهڙيون بهي ڳالهائي ٻولائي. مهنا گذريو وڃن، پُٽن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪانہ ٿئي. هڪ اڌ جُملو اُڇلي هو هلندا ٿيندا ۽ پُٺيان هوُ اُن جُملي کي اوُن جي ڦوري جيان کوليندو ويڙهيندو رهندو. ڪڏهن ڪڏهن ورري تلخ جهڙڪي ٻڌڻي پوندي اٿس... ڪڏهن ڪڏهن خوب پڙڪي گار گند بہ ڪندو ۽ پوءِ ڪُمي وانگر پنهنجو پاڻ ويڙهجي ويندو.

ننڍي پُٽ جي چوڻ تي اُٿي گهر اچي ٿو. ٻک کان ڇڻ ساهہ ٿو سُڪيس. هاڻي جيڪي بہ ملندو ڪائي ونندو. سيني ڪاڏو هوندو پر

دونو اُچلي پاڻيءَ ڏڪ پيتائين. حلوائيءَ کيس وِهڻ لاءِ اسٽول ڏنو ۽ ٻين گراهڪن کي ڏسڻ لڳو. هوُ اسٽول تي ويٺو رستي جي چهل پهل ڏسندو رهيو.

سامهون واري موڙ تي راجوُ مِستريءَ جو دوڪان آهي. هوُ ۽ راجوُ شروعات ۾ سائيڪل جا پنچر ٺاهيندو هو. ڏيري ڏيري هو اسڪوٽر، بائيڪ وغيره جا پنچر بہ ٺاهڻ لڳو. ٻہ ڇوڪرا بہ رکي ڇڏيائين جيڪي گاڏين جي مرمت، سروس ۽ صفائي وغيرهجو ڪم ڪندا هئا. سندس دوڪان وڌندو ويو ۽ هنجي ۾. ٻنهي جي دعا سلام هلندي آئي. راجوءَ کي اجا بہ ڪم ڪندو ڏسي چوندو هوس.

"اڙي ڀائي هاٽي تہ مالڪ آهين... ڪرسيءَ تي ويهي حڪم هلاءِ... نوڪر آهن، ڪم ڪن پيا. چار چار پُٽ اٿئي. تونهنجي روٽي ڪُتا نہ کائين. ڇو پيو ايتري مٿاماري ڪرين ٻڍاپي ۾..؟"

"پنهنجا هٿ پير نہ ٻهڻ گھُرجن ڪاڪا... چوندي هوُ پگھر ٿو اُگھي. راجو اڄ بہ اُهوئي ڪم ڪندو آهي. نظر جهڪي ٿي وئي اٿس. چيلهہ جهُڪي وئي اٿس، پر ڇئني پُٽن مان ڪوبہ گڏ رهائڻ لاءِ تيار ڪونهيس..باقي چارئي ان ڳالهہ تي لڙندا اهن تہ دوڪان تي حق ڪنهنجو ٿيندو؟.

هوُ ڪافي دير تائين کيس ڏسندو رهيو. پوءِ اُٿي سندس پير ۾ آيو... "ڪيئن آهين راجو؟" هُن ڇرڪي ڪنڌ مٿي ڪنيو ۽ نرڙ تان پگھر اُگندي چيائين، "رام ،رام سيٺ"

سوچيندي ڪنڌ مٿي ڪنيائين تہ پُٽس کي هٿ ڪمر تي رکي پاڻ ڏي اکيون ڦوٽاڙي گهوريندو ڏسي هڙ بڙم ريڊيو بند ڪري ٻُت ٻڌجي بيهي رهيو...

"نڪو سُمهي ٿو، نڪو سُمهڻ ڏي پوڙهو... پاڻ سُک سان نٿو جي سگهين، اسانکي تہ جيئڻ ڏي." هوُ پير ڦٽڪاريندو هليو ويو. ڪاوڙ وچان پيءَ جا ساهہ تيزيءَ سان کڄڻ لڳا. هن تڪڙي ويندڙ پُٽ جي پُٺيءَ ڏي پوُنڌُ ڏئي، ٿُڪ ٿئي پڙوا" چئي ٿُڪ ڦٽي ڪئي. اندر مان ڪيترائي ڪاوڙيل لفظ سندس لوُنءَ لوُنءَ مان وهي نڪتا ۽ سندس جهيٽو نِستو جسم ڪافي دير تائين ڪنبندو رهيو... هوُ پٽ جي سهاري بيٺو رهيو جوش ڍرو ٿيڻ تائين.. نيٺ هو ڪٽريل چمپل پائي گهر کان ٻاهر نڪري آيو. ڪيڏانهن ؟ هن ڪِن لاءِ سوچيو ۽ ازخود سندس پير پيڻ جي گهر ڏانهن کڄي ويا.

پيڻ وٽ پهتو تہ سندس نونهن چيس، "ممي سُتي پيئي آهي.. هوُ بيٺو رهيو ٻُڏتر وچان. ڪنوار کيس ڪُرسي آڻي ڏني ...مان مميءَ کي جاڳائي ٿي اچان." هوُ ٽانئيڪو ٿي ويٺو تہ پيڻس اندران ننڊهاٽين اکين سان اُٿي ٻاهر آئي...

"اڌ ننڊ مان اُٿي آئي آهين؟"

پيڻ ڪو جواب ڪونہ ڏنو ۽ ڏانهنس ڏسندي رهي. کيس پاڻ ڏي ڏسندو ڏسي هوُ بہ وسو ٿي ويو. ڀاءُ پيڻ ڪا دير ٻاهر هيڏانهن هوڏانهن نهاريندا رهيا.

"ڪجهہ ڪائيندين؟"

هُن چيس، ”هن عمر ۾ چو تي نوچ ڪرين، ڇو تي هلائين مشين؟ آرام ڪر. هاڻي تہ پُٽ بہ ڪمائينئي پيا.“

” ها ڪمائين پيا.پر پهرين پنهنجي تہ پوري ڪن. مان اڌ سير ڪير مان چار ٻار پاليندي هئس. هنن ڪي هڪ هڪ ٻار لاءِ سير ڪير کپي. مشين هلايان ٿي تہ ٻہ پئسا هٿ تي اچن ٿا. پُٽن جو ڳيجهو ٿيٽو نٿو پويم. ڪائنئن گهرنديس تہ پهرين پڇندا... ’ڇا ڪندينءَ؟، ڇو کپئي؟ سڀ ڪُجهہ تہ ملئي پيو. ’ تون تہ مرد آهين... تنهنجا هي حال تي ڏسان تہ مان تہ ٿيس زال ذات... مٿان وري مڙس هوندي بہ جهڙي نڌڻڪي....“

سندس اکيون پرجي ٿيون اچن، ”ڇڳو پيڻ... هاڻي هلان...“

پيڻ سندس آواز جو رُئڻ ٻڏي ورتو . چيائينس ، ”ويهہ نہ... پٽ تي رڌي ڏيانءِ. جهيڻو هيڻو تي وي آهين. بلڪل بابا وانگر. ويهہ... گهر وڃي بہ ڇا ڪندين؟ وڃي وهندين پنهنجي اُن جهوني ڪُرسيءَ تي...“

” هوُ واپس ڪُرسيءَ تي ويهي رهي ٿو. ۽ ٻنهي هٿن ۾ مُنهن لڪائي زار زار رُئڻ ٿو لڳي. پيڻ جي نيڻن مان بہ ٿاهہ ٿاهہ نير ٽمڻ لڳي ٿو. ننهرون ڊوڙنديون آيون ...پيڻ سندس اٽين وارن ۾ هٿ ڦيري ڪُجهہ چوڻ تي چاهي پر اکر لڙڪن ۾ لڙهي ٿا وڃن. سندس اندر ۾ ماءُ جي جهونگار وارا لفظ پڙاڏو بڻجي گونجڻ ٿا لڳن_’ڏني ڪا ماءُ سورن جي مونکي پينگهي ۾ لولي... الا...’

ٿوري دير رُئڻ بعد هُو چُپ تي وڃي ٿو. ننهنڊس نئپڪن ۽ پاڻي گلاس ڏئيس ٿي. منهن اُگهي پاڻيءَ ڍُڪ پئي ٿو. پيڻ رئي جي ڪنڊ سان اکيون اگهيس ٿي، هو وري روئي پوي ٿو.

راڄُو پنهنجي ڪم ۾ لين. سندس هٿ سگهڙتا سان تڪڙا تڪڙا هلي رهيا هئا.

"ڏس راڄُو." هن چوڻ چاهيو .... " تنهنجي منهنجي عمر لڳ ڀڳ هڪ جيتري آهي. پر تون بي فڪرو ڪم ۾ مشغول آهين ۽ مان ڀٽڪي رهيو آهيان سمرتين جي جهنگل ۾. لفظن جي بوجهہ هيٺان دٻجي رهيو آهيان. ڪو بہ نٿو ٻُڌي مونکي. ٻُڌ راڄو... هڪوار ڪو هن جهنگل کي صاف ڪري ڏي. ڪيترا خوفناڪ جانور آهن هن ۾. مونکي ڊپ ٿو لڳي.

مان ڪڏهن اڪيلو نہ رهيس. مان ڪڏهن چپ ڪونہ رهيس. ڳالهايان ٿو تہ لڳي ٿو جُڙيل آهيان ڪنهن سان. چُپ رهندي لڳي ٿو تہ اندر جي اونهي ڪڏ ۾ وڃي غرق ٿيو آهيان.

"ٻُڌ راڄو..." هُن ڀگهر اُگهيو ۽ سندس چپن مان ڪنبندڙ لفظ نڪتا ...."مونکي توکي ڪجهہ چوڻو آهي..."

"چئُو سيٺ...."

"راڄوُ ! مان ڇا ڪريان؟ مونکي ڪجهہ بہ سنُو نٿو لڳي. مونکي لڳي ٿو ڪنهن مونکي گِهري انڌي کوهَ ۾ اُڇلي ڇڏيو آهي...." سندس آواز لڙڪڙائڻ لڳو.

راڄوءَ ڪم کان هٿ روڪي چيس، " هڪ ڳالهہ چوان سيٺ. سيٺي کي پنهنجو پنهنجو ڪم اُڪلائي دنيا مان رُخست ٿي وڃڻ ڪپي، ڪٿي گهڻو ٽڪي رهڻ مان ڪي ڪين سرندو، ڀوءِ توهين ائين ٿي ويندا جيئن شين تي جمي ويل ڌوڙ يا ڪُنڊن ۾ جمي ويل ڄارا...."

هُو گهر وٽ پهچي وري واپس موٽي ٿو. بغيچي ڏانهن مُڙي وڃي ٿو. گوڏوليءَ جو وَت... گايون واپس وٿاڻ ڏي پيون موٽن. هُو کوه جي ڀِرِ وٽ بيهي اندر جهاتي ٿو پائي. بيٺل پاڻي بلڪل شانت. هُو ڪيترا پل اندر ڏسندو ٿو رهي ۽ پوءِ اچانڪ ڦاٽي پوي ٿو، " ٻڌو.... ٻڌو..." هن پنهنجو مُنهن کوهه جي اندر ڪيو.... " مونکي روئڻو آهي... ڇا مان هتي روئي سگهان ٿو ...؟ ڇا مان توهانکي ڪجهه چئي سگهان ٿو؟ ... مان هارائي چُڪو آهيان... ها، مان هارائي چڪو آهيان... ها، مان هارائي چُڪو آهيان. جيڪو آهيان.. جيڪو ٻه جيئڻ جا خواب ڪٽي هلي ٿو هارائي وڃي ٿو. "

لفظن سان گڏ دٻيل روئڻ تيريءَ سان ڦٽي نڪري ٿو. هُو کوهه جي ڀِرِ تي مٿو رکي زار زار روئي رهيو آهي... سمجهه ۾ نن ايندڙ لفظن ۾ ڪجهه چوندو وڃي ، روئندو وڃي .... روئندو وڃي... روئندي روئندي ساٿو ٿي پيو سُڏڪا ڍرا ٿيڻ لڳا. تڏهن پُٺيءَ تي ڪنهنجو ڇهاءُ محسوس ڪيائين. ڪنڌ ڪٽي ڏٺائين تہ رام ڪلاون بيٺو هو، پاڻيءَ جو گلاس هٿ ۾ ڪٽي، پتل جو گلاس ..... شام جي اُس ۾ چمڪندو... سندس اکين وانگل ... هن سندس پگهريل منهن ڏٺو تہ شانت ٿي ويو. ڪانئس پاڻي وٺي پيتائين ۽ چئني پاسي ڏٺائين....

شام جي اُس ۾ سڀ ڪجهه صاف صاف چمڪي رهيو هو. هڪ هڪ تاري، هڪ هڪ پن ، گاهه جا تنڪا، اُنهن تي چُرندڙ ڪيڙا... مٿي اُڀ ۾ آکيرن ڏي اُڏامندڙپکي... وٿاڻن ڏي واپس ورندڙ مينهُين جي ڪاري چمڪندڙ چمڙي... شام ائين ئي لهندي آهي. ڌيري ڌيري ...

پهرين وٽن جي چوٽين تي.... ٽڙن تي ..... پوءِ ڏرتيءَ تي .... شام جي ڏرتيءَ تي لهندي ئي ست ڪجهہ ٻُڏڻ لڳندو آهي ڏيري ڏيري. هن ان طرح شام جو ڏرتيءَ تي لهڻ اڳ ڪڏهن بہ محسوس ڪونہ ڪيو. صبح جيڪي پيرم پولا ڏيندو آهي، شام آهي آهستي آهستي واپس ورائي وٺندي آهي ۽ ماڻهوءَ وٽ ڪجهہ بہ ڪونہ بچندو آهي، نہ روپ.... نہ رنگ ... نہ بوءِ.... نہ نالو.... بس هڪ خاليپڻو ...جيئن هينئر نُن وٽ ڪجهہ ناهي... ڪجهہ بہ نہ.... ڪجهہ بہ نہ........